REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر 17ڊسمبر 2023ع بمطابق 03جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 201

9 سال اڳ دهشتگردن آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي بزدلاڻو حملو ڪيو: نگران وزيراعظم

اهو اهڙو سانحو هو جنهن سڄي دنيا کي ڏکارو ڪري ڇڏيو، آرمي پبلڪ اسڪول پشاور قوم جي عزم کي مضبوط ڪيو، قوم جون همدرديون انهن والدين سان گڏ آهن جن جي ٻارن هن سانحي ۾ عظيم قرباني ڏني

پاڪستاني قوم دهشتگردي خلاف جنگ کٽي چڪي آهي، قوم دشمن جا ملڪ ۾ نفرت ۽ ڏهڪاءُ پکيڙڻ جا طريقا ناڪام بڻائي ڇڏيا، پاڪستاني قوم دهشتگردن جي خاتمي تائين سڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي

9 سال اڳ اڄوڪي ڏينهن تي دهشتگردن آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي بزدلاڻو حملو ڪيو، اهو اهڙو سانحو هو جنهن سڄي دنيا کي ڏکارو ڪري ڇڏيو، اڄ به جڏهن هن ڏينهن کي ياد ڪجي ٿو ته اکيون پرجي اچن ٿيون

9 سال اڳ دشمن سنڌن مستقبل جي معمارن جو رت وهائي دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستاني قوم جا حوصلا خطا ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، آرمي پبلڪ اسڪول پشاور قوم جي عزم کي مضبوط ڪيو

قوم جون همدرديون انهن والدين سان گڏ آهن جن جي ٻارن هن سانحي ۾ عظيم قرباني ڏني، هن سميت سڄي قوم گلن جهڙن ٻارن جي هن عظيم قرباني تي اڄ ڪين ياد ڪري ۽ ڀيٽا پيش ڪري رهي آهي

اسلام آباد (م ر) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي ته 9 سال اڳ اڄوڪي ڏينهن تي دهشتگردن آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي بزدلاڻو حملو ڪيو، اهو اهڙو سانحو هو جنهن سڄي دنيا کي ڏکارو ڪري ڇڏيو، آرمي پبلڪ اسڪول پشاور قوم جي عزم کي مضبوط ڪيو، قوم جون همدرديون انهن والدين سان گڏ آهن جن جي ٻارن هن سانحي ۾ عظيم قرباني ڏني، پاڪستاني قوم دهشتگردي خلاف جنگ کٽي چڪي آهي، قوم دشمن جا ملڪ ۾ نفرت ۽ ڏهڪاءُ پکيڙڻ جا طريقا ناڪام بڻائي ڇڏيا، پاڪستاني قوم دهشتگردن جي خاتمي تائين سڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي. آرمي پبلڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اي پي ايس سانحي کي 9 سال مڪمل ٿيڻ تي شهيدن جي وارثن جا زخم ٻيهر اٿلي پيا

پشاور (م ر) اي پي ايس سانحي کي 9 سال مڪمل ٿيڻ تي شهيدن جي وارثن جا زخم ٻيهر اٿلي پيا. 16 ڊسمبر 2014 تي دهشتگردن ٻاران پشاور جي آرمي پبلڪ اسڪول تي حملي ۾ 132 شاگرد شهيد ٿيا هئا. حملي ۾ استادن سميت اسڪول جي عملي جي 17 ڄڻن کي به شهيد ڪيو ويو هو. مختلف شهرن ۾ شهيدن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پارٽي جي هائبرڊ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي ۾ ٽريفڪ جي روڪٿام ۽ غير قانوني پارڪنگ جي خاتمي جو حڪم

شهر ۾ غير قانوني پارڪنگ ايرياز خلاف ڀرپور ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي ۽ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، ڪو به ادارو ٽريفڪ پوليس جي مشاورت کانسواءِ پارڪنگ جي جاءِ مقرر نه ڪندو: وڏو وزير

ٽريفڪ پوليس جو ٽوٽل تعداد 9077 آهي جنهن مان 6699 ڪم ڪري رهيا آهن ۽ 26.1 سيڪڙو يعني 2378 پوليس اهلڪارن جي کوٽ آهي: ڊي آءِ جي ٽريفڪ جي بريفنگ

شهر ۾ 9500 ڪلوميٽرن تي روڊ جار پکڙيل آهي جتي 65 لک گاڏيون سميت 4054546 موٽرسائيڪلون هلي رهيون آهن. شهر ۾ هر سال اٽڪل 350000 نيون گاڏيون رجسٽرڊ ٿين ٿيون

وڏي وزير ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب جي سربراهي ۾ ڊي آءِ جي ٽريفڪ، ڊي جي ڪي ڊي اي ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن تي ٻڌل ڪميٽي جوڙي آهي جيڪا گڏجي مسئلا حل ڪندي ته جيئن لياري ايڪسپريس وي کي هيوي ٽريفڪ لاءِ کوليو وڃي

ناگن چورنگي ۾ صديق اڪبر مسجد جي سامهون، شاهراهه عثمان رمز گرين لائين بي آر ٽي اسٽيشن سبب تنگ آهي تنهنڪري فوٽ پاٿ جي ويڪر گهٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي: اجلاس ۾ ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ٽريفڪ مسئلن بابت اجلاس جي صدارت ڪندي ڪمشنر ڪراچي ۽ پوليس کي هدايت ڪئي آهي ته شهر ۾ غير قانوني پارڪنگ ايرياز خلاف ڀرپور ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي ۽ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي جڏهن ته ان قدم کان پوءِ ڪو به ادارو ٽريفڪ پوليس جي مشاورت کانسواءِ پارڪنگ جي جاءِ مقرر نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: نگران وڏو وزير مقبول باقر ٽريفڪ مسئلن بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

8 فيبروري جي اليڪشن عوام جي زندگي ۾ بهتري آڻيندي: نواز شريف

نواز شريف جي صدارت ۾ ن ليگ جي پارلياماني بورڊ جو 11 هون اجلاس پارٽي سيڪريٽريٽ ماڊل ٽائون ۾ ٿيو

لاهور ۾ مرڪزي پارلياماني بورڊ جي جلاس ۾ نواز شريف بهاولپور ڊويزن مان اميدوارن جا انٽرويو ڪيا

لاهور (م ر) ن ليگ طرفان قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي اميدوارن کي پارٽي ٽڪيٽون ڏيڻ جي تجويزن تي غور ويچار جاري آهي، لاهور ۾ مرڪزي پارلياماني بورڊ جي جلاس ۾ نواز شريف بهاولپور ڊويزن مان اميدوارن جا انٽرويو ڪيا. ن ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اي پي ايس واقعي اسان جي اجتماعي شعور تي نه ميسار ٿيندڙ نشان ڇڏيا آهن: شرجيل ميمڻ

سانحي ۾ شهادت ماڻيندڙن ۽ پوراڻو نه ٿيڻ جوڳي نقصان کي منهن ڏيندڙ خاندانن کي ڀيٽا پيش ڪيون ٿا

آرمي پبلڪ اسڪول پشاور سانحي جي نتيجي ۾ قوم فرقن کان مٿانهون ٿي ڪري دهشتگردي خلاف گڏ ٿي

دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ قومي پائيچاري کي هٿي وٺرائڻ سڀني جي اجتماعي ذميواري آهي: جاري ڪيل پيغام

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته آرمي پبلڪ اسڪول پشاور سانحي سنڌن اجتماعي شعور تي نه ميسارڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پشاور هاءِ ڪورٽ جو پي ٽي آءِ جي درخواست تي اليڪشن ڪميشن کي نوٽيس

پشاور (م ر) پشاور هاءِ ڪورٽ چونڊون عدليا جي نگراني ۾ ڪرائڻ جي تحريڪ انصاف جي درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: نواز ليگ سربراهه نواز شريف جي صدارت ۾ پارلياماني ڪميٽي جو اجلاس ٿي رهيو آهي

عمير نيازي بظاهر جمهوري عمل ڊي ريل ڪرڻ جي ڪوشش جي ڪوشش ڪئي: سپريم ڪورٽ

سپريم ڪورٽ عام چونڊن بابت ڪيس جو 6 صفحن تي ٻڌل لکت ۾ حڪمنامو جاري ڪري ڇڏيو

هاءِ ڪورٽ ڊي آر اوز، آر اوز ۽ اي آر اوز کي ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ هڪ ئي وقت چونڊ عمل کي ڊي ريل ڪري ڇڏيو

مقرر ڪيل آفيسر اڳ ئي بطور انتظامي آفيسر جي طور تي فرض انجام ڏئي رهيا آهن. لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو معطل ڪيو وڃي ٿو

لاهور (م ر) سپريم ڪورٽ عام چونڊن بابت ڪيس جو 6 صفحن تي ٻڌل لکت ۾ حڪمنامو جاري ڪري ڇڏيو آهي، سپريم ڪورٽ جي لکت ۾ جاري ڪيل حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته عدالت سگهوري بيرسٽر عمير نيازي کي نوٽيس جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آرمي چيف جي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سان ملاقات، ڪشمير ۽ فلسطين تي ڳالهيون

ڏکڻ ايشيا ۾ امن تڪرار ڪشمير جي حل ۽ يو اين اي جي قراردادن تي عمل ڪرڻ سان مشروط آهي

ڪشمير مسئلي جو حل گڏيل قومن جي قراردادن ۽ ڪشميرين جي خواهشن موجب حل ٿيڻ گهرجي

والاريل ڪشمير جي حيثيت تبديلي جا پارٽي قدم گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن جي ڀڃڪڙي آهي

نيويارڪ (م ر) آرمي چيف جنرل عاصم منير نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي هيڊ ڪوارٽرز جو دورو ڪري يو اين اي جي سيڪريٽري جنرل انٽونيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪينجهر ڍنڍ، هاليجي ڍنڍ، هاڪس بي ريسورٽ ۽ رني ڪوٽ جو گيسٽ هائوس آئوٽ سورس ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار ٻاران صوبي جي چئن سياحتي ماڳن جا ريسورٽ نجي شعبي حوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

نيويارڪ: آرمي چيف جنرل عاصم منير گڏيل قومن جي سيڪريٽري سان ملاقات ڪندي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت هيٺ اهم اجلاس

چونڊ جي شيڊيول ۽ چونڊ مهم بابت حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو

مجموعي سياسي صورتحال سميت اهم معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ بلاول هائوس ۾ اهم هائبرڊ اجلاس ٿيو، جنهن ۾ چونڊ جي شيڊيول ۽ چونڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي ن ليگ ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ورتو

شاهد خاقان عباسي ن ليگ ڇڏڻ جو فيصلو تڪ جي ماڻهن جي مشاورت سان ڪيو

اليڪشن کان اڳ پنهنجي پوزيشن واضح ڪرڻ چاهيان ٿو: شاهد خاقان عباسي

لاهور (م ر) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي ن ليگ ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هو ن ليگ ڇڏڻ جو باقاعده اعلان ڪجهه ڏينهن ۾ پريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ پگهارن تي ٽيڪس وڌائڻ جي ترديد ڪري ڇڏي

پگهارن تي ٽيڪس ۾ واڌ جي مطالبي جو ڪو ارادو ناهي: آءِ ايم ايف

آمدني تي ٽيڪس واڌ ۽ پيٽروليم ليوي جي حد وڌائڻ جو ڪو مطالبو ناهي ڪيو

اسلام آباد (م ر) آءِ ايم ايف جي نمائندي پاڪستان ۾ پگهارن تي ٽيڪس وڌائڻ جي ترديد ڪندي چيو آهي ته پگهارن تي ٽيڪس ۾ واڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

جسٽس سردار طارق مسعود وقتي چيف جسٽس جو حلف کڻي ورتو

جسٽس اعجازالاحسن وقتي چيف جسٽس سردار طارق مسعود کان حلف ورتو

حلف برداري تقريب ۾ سپريم ڪورٽ ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جا ججز پڻ شريڪ ٿيا

اسلام آباد (م ر) سپريم ڪورٽ جي جسٽس سردار طارق مسعود وقتي چيف جسٽس آف پاڪستان جو حلف کڻي ورتو آهي. سينئر جج جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

فواد چوڌري ڪرپشن ڪيس ۾ اڊيالا جيل مان گرفتار

نيب پاران ڪرپشن ڪيس ۾ گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا هئا

فواد چوڌري اڳ ئي ڪرپشن جي هڪ ڪيس ۾ گرفتار ٿيل هو

لاهور (م ر) نيب اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي ڪرپشن ڪيس ۾ اڊيالا جيل مان گرفتار ڪري ورتو آهي. نيب پاران استحڪام پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: جسٽس طارق مسعود سپريم ڪورٽ جي قائم مقام چيف جسٽس طور حلف کڻندي

ملير ۾ جوابدار زال کي قتل ڪري پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو

آپگهات ڪندڙ شخص پوليس سان ميڊيا کي گهرائڻ جو مطالبو ڪيو

پوليس ڊاڪٽن جي مدد سان عمارت ۾ داخل ٿي ته مقتول آپگهات ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ستي ٽائي جي حد گلشن باغ ۾ يوسف جي رهواسي مشڪور زال کي گولين هڻڻ بعد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

شيخ رشيد پاران چونڊ مهم شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

عدالت حاضري لڳائڻ کان پوءِ شيخ رشيد کي وڃڻ جي اجازت ڏني وئي

اسان صرف ٻن سيٽن تي پنڊي جي سياست ڪندا آهيون: شيخ رشيد

اسلام آباد (م ر) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ کان پوءِ چونڊ مهم شروع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

حڪومت ٻارن جي ٽافين تي ٽيڪس وڌائي ڇڏيو

عالمي مارڪيٽ ۾ شين جي اگهن ۾ واڌ کي ڏسندي ٽيڪس وڌايو ويو

اسٽيڪ هولڊرن عالمي مارڪيٽ جي رجحان موجب ڪسٽمز جا اگهه نئين سر مقرر ڪرڻ جي درخواست ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) حڪومت ٽافي، ڪينڊي ۽ ڪنفيڪشنري آئٽمز جي درآمد تي ڪسٽم ويليو ۾ واڌ ڪري ڇڏي. بزنس ريڪارڊر موجب ڊائريڪٽوريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

هنگرين: ڪائونسل اجلاس ۾ بمن سان حملو، 26 ڄڻا زخمي

ميٽنگ جي ڪارروائي فيسبڪ تي سڌي ريت نشر ڪئي پئي وئي

هڪ ڪائونسلر بجيٽ تي تنقيد ڪندي رڙيون ڪندي دستي بم اڇليا

ڪيف (م ر) هنگرين جي سرحد جي ويجهو يوڪرين جي اولهندي علائقي ۾ موجود ڳوٺ جي ڪائونسل جي اجلاس ۾ ڪائونسلر دستي بم سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مولانا سان افغان سفير جي ملاقات، پاڪ افغان لاڳاپن تي ڳالهيون

افغانستان جي عبوري سفير سردار شڪيب جي جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان سان تفصيلي ملاقات، افغان حڪومت جو پيغام پهچايو

ملاقات دوران خطي جي صورتحال سميت ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن تي ڳالهيون، عبوري سفير مولانا فضل الرحمان کي افغانستان جي دوري جي دعوت ڏني

اسلام آباد (م ر) پاڪستان ۾ مقرر افغانستان جو سفير سردار احمد جان شڪيب جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان جي گهر پهتو. سردار شڪيب جي جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان سان تفصيلي ملاقات ڪئي. ترجمان اسلم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اڳوڻو وفاقي وزير همايون اختر استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل

همايون اختر آءِ پي پي جي سربراهه جهانگير ترين سان ملاقات بعد شموليت جو اعلان ڪيو

9 مئي جي واقعن ڪانپوءِ مون پي ٽي آءِ کان علحدگي اختيار ڪئي هئي، آءِ پي پي جي قيادت تي ڀروسو آهي: همايون اختر

همايون اختر سان پراڻا لاڳاپا آهن. 9 مئي جي واقعن ڪانپوءِ پي ٽي آءِ جي مقبوليت ۾ گهٽتائي ٿي آهي: جهانگير ترين

لاهور (م ر) تحريڪ انصاف جو اڳوڻو اڳواڻ ۽ اڳوڻو وفاقي وزير همايون اختر استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل ٿي ويو. همايون اختر آءِ پي پي جي سربراهه جهانگير ترين سان ملاقات بعد استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. گڏيل پريس ڪانفرنس دوران همايون اختر چيو ته 9 مئي جي واقعن ڪانپوءِ مون پي ٽي آءِ کان علحدگي اختيار ڪئي هئي، آءِ پي پي جي قيادت تي ڀروسو آهي. هن چيو ته پارٽيءَ جي قيادت سان مشاورت بعد فيصلو ڪندس ته اليڪشن ڪٿان وڙهڻي آهي. جهانگير ترين همايون اختر جي پارٽيءَ ۾ شموليت جي آجيان ڪندي چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: نگران صوبائي وزير احمد شاهه تقريب کي خطاب ڪندي

ايس بي سي اي ڪرپٽ ترين ادارو قرار، آفيسرن تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ناظم آباد ۾ غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪيس جي ٻڌڻي، ايس بي سي اي آفيسرن ۽ وڪيلن تي ڪاوڙ جو اظهار

بلڊرز، مافيا ۽ ايس بي سي اي جو گٺ جوڙ آهي، ايس بي سي اي جي نااهلي سان شهر ڪنڪريٽ جو جهنگ بڻجي ويو آهي: عدالت

اڳ ۾ شهر ۾ غير قانوني اڏاوتون ٿيڻ ڏنيون وينديون آهن، پوءِ پيچ ڊاهه جو وارو اچي ته هٿ مٿي ڪري ڇڏيندا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ اڄ ٿي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي آفيسرن ۽ بلڊرن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ناظم آباد ۾ غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران جج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: ناظم آباد ۾ اڻڄاتل هٿيار بندن جي ڪار تي فائرنگ 2 مارجي ويا، عورت زخمي

فائرنگ ۾ مارجي ويل مان هڪ جي سڃاڻپ واپاري طارق ۽ ٻيو آن لائين ٽيڪسي ڊرائيور هو: پوليس

ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار 4 هٿيار بندن ڪار تي فائرنگ ڪئي، جڏهن ته ڪار سوارن کان به شئي ڦر نه ڪئي: اکين ڏٺا شاهد

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي علائقي ناظم آباد ۾ اڻڄاتل هٿيار بندن ڪار تي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا مارجي ويا ۽ هڪ عورت زخمي ٿي پئي. پوليس جو چوڻ آهي ته ناظم آباد نمبر 3 جي علائقي ۾ انڪوائري آفيس سنڌ ايڪسپريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سپريم ڪورٽ جي فيصلن مان مطمئن نه آهيون، خدشا موجود آهن: گوهر خان

پي ٽي آءِ چونڊن جو بائيڪاٽ نه ڪندي، سپريم ڪورٽ کان استدعا آهي ته اسان جي درخواستن کي به ٻڌو وڃي

ڊي آر اوز ۽ آر اوز صاف شفاف چونڊون ڪرائين پر جن ڊي سيز ايم پي اوز جا آرڊر ڪيا ويا آهي ڪيئن صاف شفاف چونڊون ڪرائيندا

توهين عدالت جا نوٽيس جاري ٿيندا ته ڪو به صاف شفاف چونڊن لاءِ عدالت نه ويندو: صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ر) پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر خان چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي مان مطمئن نه آهيون. فيصلي تي اسان جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

خان يونس ۾ اسرائيلي بمباري ۾ هڪ ٻيو صحافي شهيد

غزه (م ر) خان يونس ۾ اسرائيلي بمباري ۾ هڪ ٻيو صحافي شهيد ٿي ويو عرب ميڊيا موجب صحافي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر خان ميڊيا سان ڳالهائيندي

حيدرآباد مان ماسترياڻي پاران اغوا ڪيل 3 ٻارڙا ڪراچي مان بازياب

ايس ايس پي پاران جوڙيل ٽيم ٻارن کي ڪراچي مان بازياب ڪرائي ورتو، ماسترياڻي سميت 3 ڄڻا گرفتار

ڪالهه رات دير سان پوليس ڪراچي جي گلشن حديد واري علائقي ۾ ڇاپو هڻي ٻارن کي بازياب ڪرايو

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد مان ماسترياڻي پاران اغوا ڪيل 3 ٻارڙا ڪراچي مان بازياب ٿي ويا. قاسم آباد جي گوٺ ٻڍو پالاري مان ٽيوشن پڙهائيندڙ ماسترياڻي پاران ٻن ڀينرن سميت 3 ٻارن کي اغوا ڪرڻ واري معاملي ۾ اڳڀرائي ٿي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو لاهور ۾ مصنوعي برسات، تجربو ڪامياب ٿي ويو: محسن نقوي

لاهور جي 10 کان 15 ڪلوميٽر جي چوڌاري اهو پلان ڪيو ويو، 10 علائقن ۾ هلڪي برسات پئي: محسن نقوي

مصنوعي برسات ۾ يو اي اي اسان جي مدد ڪئي، مصنوعي برسات لاءِ اسان کو گهڻو خرچ نه ڪيو آهي

هن ۾ صرف پاڻي جو خرچ ٿيو، ڪوهيڙي جي خاتمي لاءِ جيڪڏهن خرچ ڪرڻو به پيو ته ضرور ڪنداسين

لاهور (م ر) ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اڄ لاهور ۾ مصنوعي برسات وسائي وئي. لاهور جي تقريبن 10 علائقن ۾ مصنوعي برسات پئي. پنجاب صوبي جي گادي واري شهر لاهور ۾ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مصنوعي برسات وسائڻ جو ڪامياب تجربو ڪيو ويو. پنجاب جي وڏي وزير محسن نقوي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته لاهور جي 10 کان 15 ڪلوميٽر جي چوڌاري اهو پلان ڪيو ويو جنهن کان پوءِ 10 علائقن ۾ هلڪي برسات پئي. هن چيو ته ڪلائوڊ سيڊنگ جو پهريون مشن ڪجهه دير اڳ ڪيو ويو شاهدره ۽ مريدڪي طرف ڪڪر وسايا ويا. لاهور جي مختلف هنڌن تي برسات شروع ٿي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لاهور: ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪلائوڊ سيڊنگ ذريعي برسات وسائي پئي وڃي

پاڪستان کي افغانستان سان وڙهائڻ آمريڪي ايجنڊا آهي: نعيم الرحمان

اليڪشن ڪميشن چونڊن بابت شيڊول جاري ڪري ڇڏيو آهي پر شفافيت لاءِ ڪي به قدم نه کنيا آهن

ڪيترائي سوال اڃا به موجود آهن. اسان اڃا به چئون ٿا ته آر اوز ۽ ڊي آر اوز انتظاميه کان نه ٿيڻ گهرجن

چونڊون وقت تي ٿيڻ گهرجن. آر اوز، ڊي آر اوز هڪ صوبي ۽ ٻئي صوبي ۾ ٿيڻ گهرجن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته آمريڪي ايجنڊا پاڪستان کي افغانستان سان وڙهڻ آهي. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن افغانستان سان ڳالهين تي زور ڏيندي چيو ته آمريڪا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

هفتيوار مهانگائي ۾ 43 سيڪڙو تائين واڌ ٿي وئي: ڳٽپ ڪاتو

گذريل سال جي ڀيٽ ۾ گئس جي کوٽ سبب صارفين جي قوت خريد سخت متاثر ٿي رهي آهي

جائزي جي دوران 19 شين جي قيمتن ۾ واڌ، 10 شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ باقي شين جا اگهه مستحڪم رهيا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ڀاڄين، دالن ۽ چانورن جي قيمتن ۾ واڌ جي ڪري 14 ڊسمبر تي ختم ٿيل هفتي دوران سالانه بنيادن تي مختصر مدت جي مهانگائي 43.16 سيڪڙو ٿي وئي پاڪستان شماريات بيورو طرفان جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پي ٽي آءِ طرفان آر اوز جي مقرري معطل ڪرائڻ جمهوريت خلاف سازش آهي: احسن اقبال

عمران خان جڏهن ٻاهر هو تڏهن به انتشار پکيڙيو، هاڻ هو جيل ۾ آهي ته چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ جا 90 سيڪڙو ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز پارٽي ڇڏي چڪا آهن پر ن ليگ جا ماڻهو بدترين حالتن ۾ به پارٽي ڇڏي نه ويا

پي ٽي آءِ پهريان به 2 صوبن ۾ حڪومت ڪيرائي جمهوريت تي آپگهاتي حملو ڪيو پر ناڪام ٿيا: صحافين سان ڳالهيون

لاهور (م ر) مسلم ليگ (ن) جي سينئر اڳواڻ احسن اقبال چيو آهي ته سموري قوم جون نظرون چونڊن تي آهن ۽ پي ٽي آءِ طرفان آر اوز جي مقرري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ترڪيه جي مرڪزي بئنڪ جي صدر مهانگائي سبب ڪرائي جي گهر ۾ رهڻ کان قاصر

انقرا (م ر) ترڪي جي مرڪزي بئنڪ جي نئين سربراهه جو چوڻ آهي ته هوءَ استنبول جي پراپرٽي مارڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان سان افغان سفير ملاقات ڪندي

راحيل شريف مدي ۾ واڌ جي بدلي پاناما معاملو حل ڪرائڻ جي آڇ ڪئي: عرفان صديقي

ڪيترائي ڀيرا پيغام اماڻڻ کان پوءِ جنرل (ر) راحيل شريف آخرڪار نوازشريف سان سڌو سنئون نوڪري ۾ واڌ جو مطالبو ڪيو

نوڪري جي مدي ۾ واڌ جي بدلي راحيل شريف پاناما جو معاملو حل ڪرائڻ جي آڇ ڪئي هئي جنهن کي نوازشريف رد ڪري ڇڏيو هو

لاهور (م ر) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سينيٽر اڳواڻ عرفان صديقي چيو آهي ته جنرل (ر) راحيل شريف ڪيترائي ڀيرا نوڪري ۾ واڌ جي لاءِ پيغام اماڻيندو رهندو هو. نجي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي عرفان صديقي چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سڳيون ۾ شهباز ينگ ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران سيمينار منعقد

فري اينڊ فيئر اليڪشن تنظيمن پاران عورتن جي پولنگ اسٽيشن تائين پهچ جي عنوان هيٺ هڪ **سيمينار منعقد** ڪيو ويو

عورتن ڪي پولنگن تي ووٽ ڏيڻ وقت ڏکيائيون درپيش آهن انهن رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ سياسي پارٽين جا نمائندا تربيت ڏين : اڳواڻ

آزاداڻو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ سڀ ۽ رواداري جي سخت ضرورت آهي ان سان ئي عدم تشدد جي روايت کي ختم ڪري سگهجي ٿو

سڳيون(رپورٽر)سڳيون ۾ شهباز ينگ ويلفيئر ايسوسيئيشن (سيوا) (SYWA) ڳوٺ سينگار فائونڊيشن ۽ فري اينڊ فيئر اليڪشن تنظيمن پاران عورتن جي پولنگ اسٽيشن تائين پهچ جي عنوان هيٺ هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو. تفصيل موجب سڳيون ۾ شهباز ينگ ويلفيئر ايسوسيئيشن (سيوا) (SYWA) ڳوٺ سينگار فائونڊيشن ۽ فري اينڊ فيئر اليڪشن تنظيمن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز ۾ هيلٿ پروفيشنل پئراميڊڪس ايسوسيئيشن سنڌ جو اجلاس

پيراميڊيڪل اسٽاف جي حقن خاطر دوستن اسان تي اعتماد ڪيو آهي اسان هر وقت ساڻن گڏ آهيون : اڳواڻ

اجلاس ۾ خيرپور ناٿن شاهه مان سينيئر پئراميڊڪس محمود چانڊيو پاران سيتا مان ساٿين سميت شرڪت

بشير احمد مهيسر، صحبت علي جهتيال، نظام الدين جلباڻي، خان محمد ڪوسو، سبحان علي ناريجو ۽ ٻيا موجود هئا

نوشهروفيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي)هيلٿ پروفيشنل پئراميڊڪس ايسوسيئيشن سنڌ جو اجلاس RHCڀٽ سرائي ۾ ٿي گذريو. جنهن جي صدارت صوبائي نائب صدر محمد قاسم ڪوسو ڪئي، اجلاس ۾ ضلعي دادو جي نامزد صدر الله ڏنو جتوئي ۽ چيف آرگنائيزر مختيار علي ڪوسو خاص شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ 041 تعلقه جوهي جي صدر سينيئر هيلٿ ٽيڪنيشن امير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: هيلٿ پروفيشنل پئراميڊڪس ايسوسيئيشن جا اڳواڻ اجلاس کانپوءِ گڏ بيٺل آهن

ٺٽو : ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٺٽو نظام الدين ڪڏائي پاران اسڪولن جو دورو

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٺٽو نظام الدين ڪڏائي ضلعي جي 30 کان وڌيڪ اسڪولن جو دورو ڪيو ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٺٽو نظام الدين ڪڏائي ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ممتاز ٻجورو سان گڏ ضلعي جي ٽيهه کان وڌيڪ پرائمري گرلز ۽ بوائز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مانجهند ۽ سن ۾ ايس يو پي سڏ تي سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمين تي قبضي خلاف احتجاج، نعريبازي

محمد عمر ابڙو، عبداللطيف پهنور، يوسف عمراڻي، عبدالرحمان چانڊيو، بابل لطيف ڪوسو، سهيل ملاح ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين تي ترقي جي نالي تي قبضي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي : مظاهرين جون ڌانهون

ڌرتي جي ڊيموگرافي تبديل ٿيڻ جو خدشو آهي جيڪا والار ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند ۽ سن ۾ ايس يو پي سڏ تي سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمين تي قبضي خلاف ڪارڪنن جو احتجاج 2 ڪلاڪ ڌرڻا. تفصيل موجب مانجهند ۽ سن ۾ ايس يو پي جي مرڪزي سڏ تي ڪارپوريٽ فارمنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مانجهند: ايس يو پي ڪارڪن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

سکر : سياري جي آمد ۽ سردي ۾ واڌ سان گڏ سوئي گيس انتظاميا پنهنجا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيا

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سياري جي آمد ۽ سردي ۾ واڌ سان گڏ سوئي گيس انتظاميا پنهنجا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. شهري ڪاٺين ۽ ڪوئلي تي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته گيس جي بدترين لوڊشيڊنگ سبب شهري سخت پريشان آهن. ايل پي جي گيس جي گهرج ۾ ٻڻ واڌ ٿي وئي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽو : ضلعي ايجوڪيشن آفيسر پرائمري محمد رحيم سومرو جي اعزاز ۾ الوداعي تقريب

اسڪول جي هيڊ مسٽريس زيب شاهين سميت سموري اسٽاف جنهن ۾ تعليم کاتي جي آفيسرن ۽ ٻين جي شرڪت

هيڊ مسٽريس شميرا جاويد ميمڻ سميت اسڪول جي سمورين استادن پاران اڳوڻي ڊي اي او جي تعليمي بابت ڪيل ڪوشش کي ساراهيو

ٺٽو(رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) گورنمينٽ ڪلسٽر پبلڪ پرائمري اسڪول مڪلي پاران اڳوڻي ضلعي ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٺٽو محمد رحيم سومرو جي اعزاز ۾ الوداعي تقريب گورنمنٽ ڪلسٽر پبلڪ پرائمري اسڪول مڪلي ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اسڪول جي هيڊ مسٽريس زيب شاهين سميت سموري اسٽاف جنهن ۾ تعليم کاتي جي آفيسرن محمد رحيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪراچي ۾ يونائيٽيڊ پارٽي جي سرواڻ مرڪزي صدر سيد زين شاهه جي اڳواڻي ۾ ريلي، نعريبازي

ڪارڪنن مردن عورتن توڙي ٻارڙن هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ کڻي سنڌ حڪومت خلاف سخت احتجاج ڪيو

نگران حڪومت سنڌ جي وسيلن کي ٽين وال ڪرڻ لاءِ سنڌ جا 52713 ايڪڙ زمين ترقي جي نالي تي فوجي ڪارپوريشن حوالي ڪرڻ چاهي ٿي : مظاهرين

اسان ترقي جي خلاف ناهيون پر جيڪڏهن سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪري پنج ڇهه هزار ماڻهن کي فائدو پهچائڻ خاطر لکين ماڻهن کي بيگهر ڪيو وڃي ته انهي جي خلاف آهيون

ڪراچي(باغي ساگر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سرواڻ مرڪزي صدر سيد زين شاهه جي اڳواڻي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين تي ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي قبضو ڪرڻ خلاف ڪراچي ڊويزن پاران وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن مردن عورتن توڙي ٻارڙن هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ کڻي سنڌ حڪومت خلاف سخت احتجاج ڪيو. ان موقعي تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دڙو، ٻيلو، ابڙال ۽ ٻنون روڊ تي جارين ۽ ديوين جا وڻ وڌي ويا

تي وڏي ويل وڻن جي ڪٽائي نه ٿيڻ سبب روڊ حادثا ٿيڻ روز جو معمول بڻيل

هيستائين روڊ حادثن ۾ 15 کان وڌيڪ ماڻهو مري چڪا، ڳوٺاڻن پاران احتجاج

جلد کان جلد روڊن تي بيٺل وڻ ڪٽرائي عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن : مظاهرين

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) سجاول ضلعي انتظاميا جي پٽ وائڪي..!! دڙو، ٻيلو، ابڙال ۽ ٻنون روڊ تي جارين ۽ ديوين جا وڻ وڌي ويا. روڊن تي وڏي ويل وڻن جي ڪٽائي نه ٿيڻ سبب روڊ حادثا ٿيڻ روز جو معمول بڻيل. هيستائين روڊ حادثن ۾ 15 کان وڌيڪ ماڻهو مري چڪا. ڳوٺاڻن جو احتجاج، نوٽيس جو مطالبو. تفصيل موجب سجاول جي روڊ کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دڙو: روڊن تي وڏي ويل ويڍن جي وڻن جي ڪٽائي نه ٿيڻ سبب حادثا ٿيڻ معمول بڻيل

قوم پاڪستاني فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺي آهي : محمد جاويد ميمڻ

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ چيو آهي ته آرمي پبلڪ اسڪول پشاور سانحي جي ٻارن جي شهادت کي قوم ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. سفاڪ دهشتگرد عناصرن تعليم جي دوران اسڪول تي حملو ڪري تعليم ۽ پاڪستان جي معمار ٻارن ۽ اسان جي مستقبل کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

شڪارپور ۾ پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ پاران اسرائيلي، امريڪي ۽ سامراجي مصنوعاتن جي بائيڪاٽ لاءِ ريلي

يڪجهتي ۽ لاءِ انتهائي ضروري آهي ته انهن ڪمپنين کي ٽارگيٽ ڪري انهن جي مصنوعاتن سان گڏو گڏ انهن جو مڪمل سماجي ۽ معاشي بائيڪاٽ ڪيو وڃي : مظاهرين

اصل ۾ اسرائيل جي هن جنگ جي پٺيان معاشي محرڪات آهن جنهن سبب هو فلسطيني عوام ۽ خاص طور معصوم ٻارڙن جو قتل عام ڪري رهيو آهي

اسان اسرائيل ۽ امريڪا جي ظلم خلاف روڊن تي نڪتا آهيون، اسرائيل جو مقصد فلسطينين کي هن ڌرتي تان ختم ڪرڻ آهي جيڪو ڪنهن به حوالي سان برداشت نه ٿو ڪري سگهجي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ پاران اسرائيلي، امريڪي ۽ سامراجي مصنوعاتن جي بائيڪاٽ جي حوالي سان شڪارپور پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي خطاب ڪندي حاڪم گل چيو ته فلسطينين سان يڪجهتي ۽ لاءِ انتهائي ضروري آهي ته انهن ڪمپنين کي ٽارگيٽ ڪري انهن جي مصنوعاتن سان گڏو گڏ انهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

محرابپور : يوريا ڀاڻ جو ڊيلر سرڪاري ريٽ تي ڪلر ڏيڻ بدران 5550 روپيا ڏيڻ لڳو

اسان اي سي محرابپور کان ستين فارم تي لکرايو آهي جڏهن ته ڊيل جي رسيد ڀڻ آهي : الهه بخش سهتو ۽ ٻيا

ان کان علاوه مختيارڪار محرابپور کان به لکرايو آهي ليڪن تنهن جي باوجود ڊيلر روڪ پيسن تي ڪلر نٿو ڏئي

اسان سان انصاف ڪري ڪلر ڏياري ڏنو وڃي جيئن اسان پنهنجي فصل کي بچائي سگهون

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپور : يوريا ڀاڻ جو ڊيلر نفيس جٽ سرڪاري ريٽ تي ڪلر ڏيڻ بدران 5550 روپيا ڏيڻ لڳو اسان سندس کان ڪلر گهريو ته اسان کي ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو محرابپور پرسان ڳوٺ ڏيوڻ جا رهواسي فوجي الهه بخش سهتو ۽ محمد عارب سهتو جي ميڊيا هائوس محرابپور مرڪز ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس هلائي وڌيڪ چيو ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

محرابپور: ڳوٺ ڏيوڻ جا رهواسي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪري رهيا آهن

وارهه ٽائون ڪاميٽي جي ملازمن پاران نيشنل بئنڪ انتظاميه خلاف مظاهرو

وارهه (رپورٽر)وارهه ٽائون ڪاميٽي ملازمن جو نيشنل بئنڪ وارهه برانچ اڳيان گند جو ڍير رکي احتجاجي ڌرڻو. مظاهرين پاران بئنڪ مئنيجر متان بيواهه ملازم کان مبينه ڳري رشوت طلب ڪرڻ ۽ اڪائونٽ بلاڪ ڪرڻ جو الزام. مصروف ترين ٽاور روڊ تي ڌرڻو لڳائڻ سبب ٽريفڪ جي روانگي معطل، عوام سخت ڏکيائن کي منهن ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ مسلم ليگ نواز جون وڪيٽون ڪرڻ لڳيون

سولنگي برادري جي نيڪ مردن متحده قومي موومينٽ پاڪستان ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي

عوام کي گهرجي ته اينڊز جنرل اليڪشن ۾ ايم ڪيو ايم کي ووٽ سپوٽ ڪن : اڳواڻ

دادو(ن سنڌيار) پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ مسلم ليگ نواز جون وڪيٽون ڪرڻ لڳيون. متحده قومي موومينٽ پاران سولنگي هائوس تي شموليت پروگرام زونل آرگنائيزر بابر عباسي جي صدارت هيٺ ٿي گذريو، ايم ڪيو ايم ۾ پيپلزپارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو: پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي عهديدارن ايم ڪيو ايم ۾ شموليت ڪرڻ جو اعلان ڪندي

گهارو پرسان فلٽر پلانٽ وٽ موٽر سائيڪل جو ٽرالر سان ٽڪر، نوجوان فوت

فلٽر پلانٽ اسٽاپ وٽ قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

ڪيس فوري طور رورل هيلٿ سينٽر گهارو پهچايو ويو، زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

گهارو (بشام جوکيو) گهارو پرسان فلٽر پلانٽ وٽ قومي شاهراهه تي موٽر سائيڪل جو ٽرالر سان ٽڪر. فلٽرواسي نوجوان سخت زخمي، ڳڀٽي جوڳي حالت ۾ ڪراچي منتقل، گهارو پرسان فلٽر پلانٽ اسٽاپ وٽ قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽي ۾ سياسي سرگرميون تيز، نمائندن پاران ڀڄ ڊڪ شروع

مختلف پارٽين عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

پ پ هڪ باغي گروپ پاران آزاد حيثيت ۾ اليڪشن وڙهڻ جي تياري شروع

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ)اليڪشن ڪميشن پاڪستان پاران اليڪشن جو شيڊول اينڊي ئي ٺٽي ۾ سياسي سرگرميون تيز ٿي ۾ مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ، 2 مارجي ويا، 5 زخمي

گلستان جوهر بلاڪ 16 جبل اپارٽمنٽ لڳ اڻ ڄاتل ماڻهن فائرنگ ڪري 30 سالن جي راحد لاشاري کي زخمي ڪري وڌو

احسن آباد النور سوسائٽي ويجهو فائرنگ ۾ 40 سالن جو امير ولد محمد جان کي زخمي ڪري وڌو

ڪراچي(رپورٽ : باغي ساگر پهنوار) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس جي سنيپ چيڪنگ ۽ چوڪس رهڻ بعد ڏوهارين مات نه ڪئي فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻن عورتن سميت پنج ڄڻا زخمي به ڄڻا فوت شهرين ۾ خوف و حراس، گلستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

خانپور مهر ۾ عادلپور واسي گل محمد ڪلوڙ پٽ سميت احتجاج

وڏيرو غفار ڪلوڙ ۽ ايس ايڇ او انعام عباسي منهنجي پلاٽ تي قبضو ڪرائڻ چاهين ٿا : مظاهرين

جيڪڏهن اسان جي پلاٽ تي قبضي جي ڪوشش ڪئي وئي ته نقصان ٿيندو، نوٽيس ورتو وڃي

خانپور مهر(رپورٽ: آفتاب سيال)خانپور مهر ۾ عادلپور واسي گل محمد ڪلوڙ پٽ سميت احتجاج ڪندي الزام مڙهيو آهي ته وڏيرو غفار ڪلوڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

خانپور مهر: عادلپور واسي گل محمد ڪلوڙ پٽ سان گڏ احتجاج ڪندي

عادلپور ۾ سيپڪو جي کلي ڪچهري، شڪايتن جا انبار لڳي ويا

بقاياجات ۽ بجلي چوري خلاف هلندڙ آپريشن دوران 3 سو ڳوٺن جي بجلي ڪاٽا

سيپڪو آفيسرن صارفين جي شڪايتن تي فوري مسئلا حل ڪيا ويا

خانپور مهر(رپورٽ: آفتاب سيال)عادلپور ۾ سيپڪو جي کلي ڪچهري، واڌو بلن ۽ لوڊشيڊنگ سميت شڪايتن جا انبار لڳي ويا، سيپڪو آفيسرن صارفين جي شڪايتن تي فوري مسئلا حل ڪيا، بقاياجات ۽ بجلي چوري خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خانپور مهر: سيپڪو آفيسرز ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

ٺٽي ۾ تيل گهٽ ٿيڻ باوجود بس، ويئن ۽ رڪشا وارن ڀاڙا گهٽ نه ڪيا

کاڌي پيتي جي سمورين شين جي قيمتن ۾ هر ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي : رهواسي

غريب عوام سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيو آهي، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ)ملڪ ۾ پيٽرول جي قيمتن ۾ گهٽتائي ته اچي وئي پر بس، ويئن ۽ رڪشا وارن ڀاڙا گهٽ نه ڪيا تفصيل موجب ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي گهٽ ٿيڻ باوجود ٽرانسپورٽرن پاران ڀاڙن جي اگهن ۾ گهٽتائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ۾ ٽائون ڪاميٽي مڪي شاهه جي وائيس چيئرمين پاران ترقياتي ڪمن جو دورو

پ پ ورڪر ايوب پيرزادو، صدام پٺاڻ، رفيق ڪوسو، نثار وسيم، سراج وسيم، قادر بروهي ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا

بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ جي ڪوششن ۽ ڪاوشن سبب حل ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهيون : مرتضيٰ گهانگهرو

سکر رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ٽائون ڪاميٽي مڪي شاهه جي وائيس چيئرمين مرتضيٰ گهانگهرو سکر شهر جي ٽئين ينڊ واري علائقي ۾ جاري ترقياتي ڪمن جو دورو ڪيو ۽ جائزو ورتو. ان دوران هن تيوينڊ جي درزي پاڙي، چونا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

شڪارپور: پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ طرفان احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڪراچي : سي پي او ۾ آر او پلانٽ جو افتتاح

آءِ جي سنڌ رفعت مختيارڪار آر او پلانٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

آر او پلانٽ جو مقصد صاف ۽ صحتمند پاڻي جي فراهمي آهي : آءِ جي

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پهنوار) ڪراچي : سي پي او ۾ آر او پلانٽ جو افتتاح، آءِ جي سنڌ رفعت مختيارڪار آر او پلانٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو آر او پلانٽ جو مقصد صاف ۽ صحتمند پاڻي جي فراهمي کي فعال ۽ يقيني بڻائڻ آهي. سينٽرل پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر ۾ ڳڙهي ياسين جي رهواسي شفيع محمد رند پاران احتجاج

تفريحي پارڪ ۾ ويو هئس جتان به اڻڄاتل هٿيار بند موبائل فون ۽ مزدوري ڦر ڪري ويا : متاثر

پوليس چوري ته ڦرلٽ ڪندڙن خلاف ڪا به ڪاروائي ناهي ڪئي ۽ نه ئي چوري ٿيل موبائل هٿ ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) ڳڙهي ياسين جي رهواسي شفيع محمد رند سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته هو محنت مزدوري ڪندو آهي. 2 مهينن کان اڳ تفريحي پارڪ ۾ ويو هو جتان به اڻڄاتل هٿيار بندن سندس موبائل فون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

شهدادڪوٽ ۾ سنڌ جي زمين ڌارين کي وڪرو ڪرڻ خلاف ايس يو پي پاران احتجاجي مظاهرو

حمل خان خشڪ، رميز ٽونيو، الهداد خشڪ، آصف مگسي، معتبر چانڊيو، اختيار جمالي، فياض ميرجت، عامر خشڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

حڪمرانن غلط فيصلا ڪري سنڌ جو زمينون ڌارين حوالي ڪيون آهن جيڪا ڌرتي ڌڻين سان ناانصافي ۽ مذمت جوڳو عمل آهي : مظاهرين

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جا ڪارڪن سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪندا ۽ سنڌ جي سون جهڙي زمين ڌارين حوالي ٿيڻ نه ڏيندا

شهدادڪوٽ(رپورٽر) شهدادڪوٽ ۾ سنڌ جي زمين ڌارين کي وڪرو ڪرڻ خلاف ايس يو پي پاران مرڪزي سڏ تي احتجاج مظاهرو، نعريبازي ٽريفڪ معطل، شهدادڪوٽ ۾ وفاقي حڪومت پاران سنڌ جي زمين ڌارين کي وڪرو ڪري ڏيڻ واري عمل خلاف حمل خان خشڪ، رميز ٽونيو، الهداد خشڪ، آصف مگسي، معتبر چانڊيو، اختيار جمالي، فياض ميرجت، عامر خشڪ ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مرڪزي سڏ تي پريس آڏو احتجاج

ايس يو تعلقه صدر مهر علي وسطڙو، خادم سيال، جنيد وسطڙو، ثمر سنڌي، ذيشان علي، فرمان نول ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اهڙي ترقي جيڪا ملڪ جي عوام کي بي گهر ڪري اسان اهڙي ڪنهن به منصوبي کي قبول نه ڪنداسين : مظاهرين

سمجهون ٿا ته اهو پروجيڪٽ گرين پاڪستان جو منصوبو ناهي پر اهو منصوبو ڪجهه طاقتور قوتن کي رشوت ڏيڻ آهي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مرڪزي سڏ تي پريس آڏو احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ايس يو تعلقه صدر مهر علي وسطڙو، خادم سيال، جنيد وسطڙو، ثمر سنڌي، ذيشان علي، فرمان نول، طالب مبيجو ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ترقي جي نالي تي سنڌ جون زمينون ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ مخصوص ڪمپني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز: سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز: نگران وڏي وزير سنڌ جي هدايتن تي ضلعي سطح تي "فارمر هيلپر سينٽر" جو قيام عمل ۾ آندو ويو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)نگران وڏي وزير سنڌ جي هدايتن تي ضلعي سطح تي "فارمر هيلپر سينٽر" جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر اعجاز علي هاليپوٽو سينٽر جي نگراني ڪندو، سينٽر ضلعي ۾ زرعي ڀاڻن ۽ زرعي دوائن جي مقرر اگهن تي منصفاڻي ورڇ ۽ دستيابي کي يقيني بڻائڻ ۽ ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نئون ڪوٽ پرسان نج ڀهراڙي جي قديمي ڳوٺ ۾ ڪارونجهر مچ ڪچهري منعقد

سياسي سماجي اڳواڻن، سگهڙن، شاعرن ۽ ليکڪن پاران مقالا شاعري پڙهي ڪارونجهر کي ڀيٽا پيش

جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين سيد نواز شاهه پاڏائي، لال جروار، امير آزاد پنهور ۽ ٻين جي شرڪت

اسان هنن نوجوانن کي جس ٿا ڏيون جنهن هڪ ننڍڙي قديمي ڳوٺ ۾ پراڻي روايتن کي برقرار رکيو آهي : اڳواڻ

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان نج ڀهراڙي جي قديمي ڳوٺ ۾ ڪارونجهر مچ ڪچهري منعقد، نج ڀهراڙي جا سوين ڳوٺاڻا، سياسي سماجي ڌريون، شاعر اديب سگهڙ شريڪ. سياسي سماجي اڳواڻن، سگهڙن، شاعرن ۽ ليکڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نئون ڪوٽ: نج ڀهراڙي جي قديمي ڳوٺ ۾ ڪارونجهر ۾ منعقد مچ ڪچهري کي اڳواڻ خطاب ڪندي

نوشهروفيروز ۾ درگاهه جو گادي نشين پير منيرالدين ڪجهه وقت بيمار رهڻ کان پوءِ رضا الاهي ۽ سان لاڏاڻو ڪري ويو

نوشهرو فيروز(ڊ ر)صوفي شاهه نصير ۽ پير نول ڳوٺ درگاهه جو گادي نشين پير منيرالدين ڪجهه وقت بيمار رهڻ کان پوءِ رضا الاهي ۽ سان لاڏاڻو ڪري ويو، جنهن جي جنازي نماز ۽ آخري رسمون پير نول ڳوٺ جي ميلي واري گرائونڊ تي ادا ڪيون ويون سندس آخري سفر ۾ اڳواڻي ايم اين اي غوث بخش مهر، ايڊيشنل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سرحد ۾ انجنيئر محمد شعبان اوڳاهي جي 29 هين سالگرهه

سالگرهه تقريب ۾ سڪندر اوڳاهي، ارشاد حسين مهر، بابر علي مهر، محمد يونس اوڳاهي ۽ ٻين جي شرڪت

تقريب ۾ موجود حاضرين انجنيئر محمد شعبان اوڳاهي جي صحتيابي ۽ ڊگهي ڄمار لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار پڻ ڪيو

سرحد (رپورٽرغلام عباس مهر)سرحد سماجي ڪيترجي سرگرم ۽ ڪاهوڙي ڪردار ٻياري ڀاءُ انجنيئر محمد شعبان اوڳاهي جي 29 هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو انجنيئر محمد شعبان اوڳاهي جي ڊگهي ڄمار ۽ صحتيابي سميت نيڪ تمنائن جو اظهار سماجي ڪيتر جي سرگرم ۽ ڪاهوڙي ڪردار انجنيئر محمد شعبان اوڳاهي جي 29 هين سالگرهه جو ڪيڪ سينيئر صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سلطانپور پرسان يونين ڪائونسل جوٽاس جي پرائمري اسڪول ۾ استادن جي مان ۾ آجياڻو

گسٽا اڳواڻ سينيئر استاد قاري حمادالله حمادي، آفيس سپرينڊنٽ عبدالحميد مهر سميت يو سي جي ٻين استادن جي شرڪت

استادن کي گهرجي ته سنڌ حڪومت جي منشور "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" عنوان هيٺ ٻارن کي تعليم ڏين : اڳواڻ

سکر ضلعي ۾ اسڪولن جي زبون حال عمارتن ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون

سلطانپور (رپورٽر قربان علي مهر) سلطانپور پرسان يونين ڪائونسل جوٽاس جي پرائمري اسڪول خيرمحمد انڙ (قادو ڳوٺ) ۾ استادن جي تنظيم "پ ت الف" جي اڳوڻي سرگرم اڳواڻ سينيئر استاد ميان بدرالدين انڙ ۽ سندس ڀاءُ استاد عبدالرب انڙ پاران يوسي جوٽاس ۾ مقرر ٿيل IBAپاس استادن جي مان ۾ آجياڻو ڏيڻ لاءِ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو ۾ جماعت اصلاح المسلمين پاران عظيم الشان جلسو ۽ نعتن جي محفل

وفات ڪري ويلن کي تلاوت، کاڌو تيار ڪري کارائڻ يا ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب پهچائڻ مستحسن سنو عمل آهي : اڳواڻ

آقاءِ دوجهان حضور نبي ڪريم رئوف رحيم ﷺ جي شان ۾ نعت، مولا علي سائين، پيران پير دستگير ۽ جيجل امڙ جي شان ۾ منقبتون

مولانا خليفه علي حسن لاشاري طاهري، مولانا حافظ علي شير ٻرڙو طاهري، فقير غلام نبي ميمڻ طاهري، حزب الله سودر طاهري ۽ ٻين جي شرڪت

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي تعاون سان عظيم الشان جلسو ۽ محفل نعت پروگرام مزدور آباد پرسان ريلوي اسٽيشن دادو محمد عمر پنهور پاران سندس مرحوم والده جي چاليهي جي سلسلي ۾ ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو: جماعت اصلاح المسلمين جي منعقد جلسي کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

مانجهند پرسان انڊس هاءِ وي تي ٽن گاڏين ۾ روڊ حادثو 2 زخمي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند پرسان انڊس هاءِ وي تي ٽن گاڏين ۾ روڊ حادثو ريٽائر ڪاموري سميت 2 ڄڻا زخمي اسپتال منتقل. تفصيل موجب مانجهند پرسان ڳوٺ انب خان ڪوسو انڊس هاءِ وي تي ڊمپر ڪار ۽ ايمبولنس ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ رتوديرو جو رهواسي نعيم الرحمان جلباڻي ريٽائر ايجوڪيشن آفيسر ديدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا

شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف 125 ڏينهن به صحافين احتجاجي تحريڪ جاري

شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪيو ويو آهي : اڳواڻ

آل سنڌ جرنلسٽ ڪنوينشن منعقد ڪيو ويندو، جيستائين قاتلن کي زنده حالت ۾ قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي 4 مهينن کان وڌيڪ عرصو ٿيڻ باوجود گرفتار نه ڪيو ويو، قاتل حڪمرانن ۽ پوليس جي خاطرين سميت عدالتي حڪمن کان پوءِ به سوگها نه ٿيا صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سرحد جي نجي اسڪول ۾ ثقافتي تقريب، شاگردن پاران ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش

تقريب دوران شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ تقريري مقابلا، تعليمي ميدان ۾ انقلابي تبديليون آڻڻ جا وچن

اسان جي بدقسمتي آهي جو سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ هزارين ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم آهن : اڳواڻ

ڪٿي اسڪولن جي کوٽ آهي ته ڪٿي وري اسڪولن ۾ استاد ناهن جنهن سبب سنڌ تعليم ۾ پوئتي ٿيندي پئي وڃي

سرحد(رپورٽرغلام عباس مهر) سرحد جي نجي اسڪول ۾ ثقافتي تقريب، شاگردن پاران ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش، شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ تقريري مقابلا، تعليمي ميدان ۾ انقلابي تبديليون آڻڻ جا وچن، خبرموجب سرحد جي نجي اسڪول سٽي ماڊل پبلڪ اسڪول ۾ ثقافتي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ردا زهره ٽالپور، ليکڪ عزيزراڄپاڻي، ايس ايس پي حسنين پيو، جيلر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سرحد: سٽي پبلڪ اسڪول ۾ منعقد تقريب کي مقررين خطاب ڪري رهيا آهن

روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 17 ڊسمبر 2023ع

سپريم ڪورٽ، لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو

سپريم ڪورٽ ڪالهه اليڪشن ڪميشن جي درخواست تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ کي ان ڪيس جي حوالي ۾ وڌيڪ ڪارروائي کان روڪيندي اليڪشن 8 فيبروري تي ڪرائڻ جو فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي چيف جسٽس جو چوڻ آهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي ڀڃڪڙي آهي.

خميس واري ڏينهن لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي درخواست منظور ڪندي اليڪشن ڪميشن جو "انتظامي آفيسرن" کان چونڊون ڪرائڻ وارو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو هو عام چونڊن دوران پنجاب جي بيوروڪريسي مان ريٽرننگ آفيسر ڀرتي ڪرڻ خلاف عمير نيازي جي درخواست تي عدالت پڌرو ڪئي. جنهن بعد فيصلي ۾ چيو ويو ته اليڪشن جي تنظيم ۾ قوم جا اربين رپيا استعمال ڪيا ويا. جيڪڏهن وڏيون سياسي پارٽيون چونڊ نتيجن کي مڃڻ کان انڪار ڪنديون ته اهو سمورو پيسو ضايع ٿي ويندو.

عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته زميني حقيقتن موجب درخواستگذار ذر وٽ ليول پلئنگ فيلڊ نه آهي، آزاد راءِ رکندڙ ڪيترن ئي گروپن ليول پلينگ فيلڊ نه هجڻ جو سخت نوٽيس ورتو آهي، عدالت کي بينچ ناهڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي.

ان کان اڳ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان چونڊن لاءِ ضلعي ريٽرننگ آفيسرن (ڊي آر اوز)، ريٽرننگ آفيسرن (آر اوز) ۽ اسسٽنٽ ريٽرننگ آفيسرن (اي آر اوز) کي ڊپٽي ڪمشنرز مقرر ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو عدالت جي فيصلي بعد اليڪشن ڪميشن ضلعي ريٽرننگ آفيسرن ۽ ريٽرننگ آفيسرن جي هلندڙ ٽريننگ کي روڪي ڇڏيو.

هوڏانهن اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب لاهور هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي اليڪشن ڪميشن طرفان اها ٽريننگ روڪي وئي آهي، ترجمان چيو ته عدالتي حڪم کي نظر ۾ رکندي اليڪشن ڪميشن پنجاب، سنڌ، ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان جي اليڪشن ڪمشنرن کي هنگامي بنيادن تي خط به جاري ڪري ڇڏيو آهي.

اليڪشن ڪميشن جو چوڻ آهي ته 8 فيبروري تي چونڊون ڪرائڻ جا سمورا انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن، موجوده صورتحال لاءِ ذميوار اليڪشن ڪميشن کي نه ٺهرائي سگهجي. هڪ بيان ۾ اليڪشن ڪميشن چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين جا الزام عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش آهن.

اليڪشن ڪميشن موجب ڊي آر اوز ۽ آر اوز کي مقرر ڪيو ويو، سڄي ملڪ ۾ ڊي آر اوز ۽ آر اوز جي ٽريننگ پڻ شروع ڪئي وئي، اليڪشن شيڊول کان اڳ ڊي آر اوز ۽ آر اوز جي ٽريننگ ضروري هوندي آهي، جيئن نامزدگي ڪاغذ جاري ۽ وصول ڪري سگهجن. جيئن شيڊول جو اعلان ڪيو وڃي. اليڪشن ڪميشن جو چوڻ آهي ته، پي ٽي آءِ، ڊي آر اوز ۽ آر اوز جي مقرري کي چيلينج ڪيو، ڊي آر اوز ۽ آر اوز جي مقرري واري عمل جي معطلي ڪانپوءِ جي صورتحال تي غور ڪري لائحه عمل جلد طئي ڪيو ويندو.

ملڪ ۾ عام چونڊن جي تاريخ جو اعلان عدالت جي ٽياڪڙي سان ڪيو ويو هو، جنهن موجب 8 فيبروري مقرر ڪئي وئي هئي، ان بعد سست رفتاري سان ئي سهي پر تياريون جاري هيون، جو ان دوران ڪن ڌرين جي خواهش جو اظهار به چونڊن ۾ دير ڪرائڻ جي حوالي سان ٿيندو رهيو هو جنهن ۾ جميعت علماءِ اسلام پاران اها ڳالهه به سامهون آئي هئي ته بهرين ملڪ جي معيشت بهتر ڪئي وڃي چونڊن بعد ۾ ٿين. جڏهن ته ساڳي جماعت جو اهو به چوڻ هو ته فيبروري ۾ ڪي پي ڪي، جي ڪجهه علائقن ۾ برفباري جي ڪري ممڪن هجي ته چونڊن جي تاريخ کي اڳتي وڌايو وڃي. اهڙن بيانن بعد وري افواهه به گردش ڪندا رهيا هئا جن ۾ اهو چيو پئي ويو ته ڪي ڌريون چونڊن کي اڳتي ڪرڻ چاهين ٿيون.

پ پ پ جا جلسا ۽ جوڙ توڙ عروج

عبدالمجيد بروهي

پاڪستان جي سياست اندر هن وقت اليڪشن کان اڳ ۾ جوڙ توڙ جي سياست عروج تي پهتل آهي اليڪشن اتحاد لاءِ سياسي جماعتن جا سربراهه ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيا آهن سنڌ اندر جي ڊي اي پ پ پ جي خراب ڪارتوسن کي پاڻ سان ملائڻ سميت پي ٽي آءِ جي نالي وارن سياستدانن کي پاڻ سان ملائي رهي آهي هڪ طرف جي ڊي اي کي سنڌن اهم اڳواڻ جيڪي بنا ڪنهن سياسي نشان جي پنهنجون سيٽون هميشا ڪٽيندا ايندا آهن جن ۾ لکي غلام شاهه مان سردار غوث بخش خان مهر ۽ سنڌس فرزند شهريار خان مهر گهوٽڪي جي سياست جو بي تاج بادشاهه سردار علي گوهر خان مهر سميت لاڙڪاڻي جي مرحوم سردار الطاف حسين انڙ جا فرزند جن لاڙڪاڻي ۾ بلدياتي اليڪشن ۾ پ پ پ کي ٽف ٽائيم ڏيندي سنڌن کان ڏوڪري ٽائون ۽ باڊهه ٽائون ڪميٽيون کٽيون هيون ۽ لاڙڪاڻي سان ئي واسطو رکندڙ راشدي خاندان پڻ جي ڊي اي کي ڇڏي پ پ پ ۾ شامل ٿي چڪا آهن ٻئي طرف ڪڏنهن ن ليگ ته ڪڏنهن ق ليگ وري ڪڏنهن پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيل دادو واسي اڳوڻو وڏو وزير جنهن وڏي اليڪشن ۾ پ پ پ جي عام ڪارڪن فيض ٻٽ کان شڪست کاڌي هئي اهو هڪ ڀيرو ڀيهر پي ٽي آءِ کي به الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شامل ٿي چڪو آهي ان کان علاوا ن ليگ پڻ پ پ پ جي ناراض اڳواڻن سان رابطا ڪري رهي آهي جن ۾ ڪين اجا تائين ڪين ڪا واضع ڪاميابي ناهي ملي پر انهن کي سنڌ مان ڪرمنل رڪارڊ رکندڙ سردار تيغو تيغاڻي رائو انوار جهڙا ليڊر ضرور مليا آهن ان کان علاوا ميڊم راحيلا مگسي جيڪا پڻ ن ليگ ۾ شامل ٿي چڪي پر سنڌس ڀاءُ عرفان گل مگسي هن وقت به پ پ پ جو حصو آهي جوڙ توڙ ۽ سياسي اتحاد ڪيا پيا وڃن ن ليگ انهن سان به اتحاد ڪري رهي آهي جن خلاف آپريشن ڪري ڪين دهشتگرد قرار ڏنو هيو جن جا پوري پاڪستان ۾ آفيس ۾ ڍاهيون ويون هيون جن جا ڪارڪن ماريا ويا جنهن لاءِ اهي يوم شهداءُ پڻ ملهائيندا آهن ۽ ان ۾ ن ليگ وارن کي نشانو بڻائي چوندا آهن اسان ظلم نواز ليگ حڪومت ڪرائي هئي اڄ ڪان پوءِ ان ايم ڪيو ايم پاڪستان سان گڏجي ن ليگ وارا به انهن جو يوم شهداءُ جو ڏهاڙو ملهائيندا ڇا عجب صورتحال آهي جن آپريشن ڪرايو جن انهن جا ماڻهون مارايا اڄ اهي انهن جا ويجها ساٿي بڻيل آهن سياست آهي پاڪستان جي سياست ۾ سڀ ڪجھ جائز تصور ڪيو ويندو آهي هوڏانهن بلوچستان ۾ پڻ عجيب صورتحال آهي بلوچستان جا ڪيترائي اڳواڻ جيڪي ڪجھ مهينا اڳ زرداري هائوس جا چڪر ڪاٽي رهيا هيا پر انهن کي اتان ڪجھ وڏي سٽيي سيٽ جو جڏنهن آسرو نه مليو ته پوءِ اهي وڏ وزارت جا خواهشمند ن ليگ ۾ شامل ٿي ويا آهن جام ڪمال سميت 12 کان مٿي باپ پارٽي ۽ پي ٽي آءِ جا سابق ارڪان اسيمبلي ن ليگ ۾ شامل ٿي ويا آهن هوڏانهن پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ڪو چيئرمين آصف علي زرداري جي بلوچستان جي دوري بعد پڻ بلوچستان جا اهم اڳواڻ جيڪي هميشا اليڪشن ۾ سوڀارا ٿيندا آهن انهن ۾ ڀيرا بلوچستان جو وڏو وزير رهندڙ ميرقدوس بزنجو سردار نصيراحمد مينگل مير سڪندر عمراڻي مير نعمت خان زهري شڪيل احمد دراني جمال خان رئيساني سميت پندرنهن کان وڌيڪ اڳواڻ پنهنجي راڄ سميت پ پ پ ۾ شامل ٿي چڪا آهن بلوچستان ڪجھ ٻيا سردار پڻ ڪجھ ڏينهن جي اندر پ پ پ ۾ شموليت اختيار ڪرڻ وارا آهن جن جي اهم ملاقات اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سان رٿيل آهي ان کان علاوا هن وقت جهڙي طريقي سان پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي ڪي پي ڪي ۾ عوام پاران موٽ ملي پيو ڪي پي ڪي جي پهاڙن ۾ هر روز ڪامياب جلسا ڪري پ پ پ وارن پوري دنيا کي حيران پريشان ڪري ڇڏيو آهي هن وقت پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جو بيانيو پاڪستان جي نوجوانن جو بيانيو بڻجي رهيو آهي پنجاب جي شهر لاهور ۽ گجرانوالا ۾ جيڪي عوامي جلسا ٿيا انهن جلسن ن ليگ جي ننڊ آرام کي ڦٽائي ڇڏيو آهي جيڪي هاڻي پريشان ٿي ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن هاڻي اهي ساڳيا ماڻهون جيڪي اڳ ۾ چوندا هيا رائو انوار زرداري جي ڪيهڙ آهي اڄ اهي رائو انوار جا گيت ڳائي رهيا آهن هڪ ڪرمنل کان غلط بياني ڪرائي اهي سمجهن ٿا عوام ان ڪرمنل جي بيان تي اعتبار ڪندي اسين سڀ ڄاڻون ٿا رائو انوار هاڻي پڻ سڀ سچ ڪري ڏيکاريو آهي ته هو زرداري جو نه پر نواز شريف جو ماڻهون آهي

اڄ رائو انوار جي الزامن بعد زرداري صاحب جو دامن پاڪ صاف ٿي ويو جيڪي ڪراچي جا اسان جا پشتون پائر زرداري ۽ پ پ پ کان ناراض هيا ته زرداري انهن جي نوجوان کي مارايو آهي اڄ اهي پاڻ پشيمان آهن انهن هرويرو زرداري صاحب تي غلط الزام هڻي خوامخواهه پ پ پ کان جدا ٿيا هيا اڄ رائو انوار جي بيان بعد ڪراچي ۾ پ پ پ کان ناراض ٿيندڙ پشتون جو ووٽ هڪ ڀيرو ڀيهر پ پ پ کي واپس ملي ويو پنجاب ۾ ڪجھ به نٿو چئي سگهجي ڇا ٿيندو اتي استحڪام پاڪستان وارا ويٺا آهن پي ٽي آءِ جو ووٽ بينڪ پڻ مضبوط آهي جنوبي پنجاب ۾ پ پ پ پڻ مضبوط پوزيشن ۾ پنڊي چوڌري پرويز اشرف جون سيٽون پڪيون آهن سيد حسن مرتضا جي پوزيشن پڻ مضبوط آهي جن برادرز جو جهڪاءُ هن وقت پڻ پ پ پ طرف آهي قمرالزمان ڪائرا نواب ڪالاباغ خاندان پڻ مضبوط پوزيشن ۾ آهن هن وقت پي ٽي آءِ جي نوجوانن کي پڻ پ پ پ چيئرمين جو بيانيو وڻي رهيو آهي انجي ڪري اهو چوڻ ته ن ليگ پنجاب ۾ ڪٽي ويندي اهو چوڻ پڻ غلط آهي پلي ن ليگ سنڌ ۾ جي ڊي اي ايم ڪيو ايم جي يو آءِ سان اتحاد ڪري پ پ پ کي پريشان ڪندي پر پنجاب ۾ ان کان وڌيڪ پ پ پ ن ليگ کي ڪندي

***

وَڏي جَنِ وِڏياسِ، وَري ويڄَ ٿِي سي ٿِيا؛
تُرتُ ٻَڌائُون پَٽيُون، روزِ ڪيائُون راسِ؛
هِينئڙا! تنين پاسِ، گهارِ ته گهايَلُ نه ٿِئين.

عالمي ماحولياتي ڪانفرنس

حسام نظاماڻي

گڏيل عرب امارتن ۾ 30 نومبر تي شروع ٿيل عالمي ماحولياتي ڪانفرنس ڪانفرنس 12 ڊسمبر تائين جاري رهي، جنهن ۾ هن دفعي به سڄي لڳ ڀڳ ملڪن جي نمائندن شرڪت ڪئي هن قسم جي گڏجاڻين جي شروعات برلن ۾ 1995ع کان ٿي، جنهن جو مقصد دنيا ۾ وڌندڙ ماحولياتي تبديلي کي گهٽائڻ لاءِ قدم کڻڻ هو جيتوڻيڪ اڄ تائين هنن گڏجاڻين جا خاص نتيجا ناهن نڪري سگهيا پر گذريل ڪجھ سالن کان دنيا ۾ موسمياتي تبديلي ڪري وڌندڙ گرمي پد، ڏڪار ۽ ٻوڏن ڪري ماڻهو خاص ڪري نوجوان نسل ڪافي متحرڪ ٿيو آهي. سڄي دنيا ۾ ماحولياتي تحفظ جي نالي سان تنظيمون ٺهي چڪيون آهن. جن جو مقصد ماحولياتي تحفظ لاءِ دنيا جي حڪومتن کي متوجهه ڪرڻ آهي. اهوئي سبب آهي جو هن دفعي اقوام متحده طرفان ڪرايل ساليانه گڏجاڻي ۾ سڄي دنيا مان وڏي تعداد ۾ نوجوان پهتا. دبئي جي انتظاميا موجب تقريبن هڪ لک ماڻهن هن سال ڪانفرنس ۾ شامل ٿيا. هي پهريون دفعو هو جو نوجوانن کي پڻ حڪومتن جي نمائندن سان سرڪاري طور ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويو ڪانفرنس جو پهريون ڏينهن ڪافي حوصلا ڪن رهيو اسرندڙ ملڪن لاءِ، ڇوجو 27هين عالمي ڪانفرنس دوران Loss and damage fundقائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو، جنهن جو مقصد انهن ملڪن جي مالي مدد ڪرڻ هو جيڪي موسمياتي تبديلي ڪري تمام گهڻو متاثر ٿي رهيا آهن.

ڪاپ 28هين جي پهرين ڏينهن ئي مختلف ملڪن فنڊ جمع ڪرائڻ شروع ڪيو. هن معاهدي تي 2020 کان عمل ٿيڻو هو پر آمريڪا سميت ٻين ملڪن فنڊ ڏيڻ تي رضامندي نه ڏيکاري. جنهن جي ڪري اهو فنڊ ڪٺ نه ٿي سگهيو هو. هن معاهدي تحت ساليانو سئو بلين آمريڪي ڊالر گڏ ڪرڻا هئا ته جيئن موسمياتي تبديلي کان متاثر ٿيندڙ ٽين دنيا جي ملڪن جي بحالي لاءِ سائنسي سهڪار ڪري سگهجي. هن سال پهريون دفعو به صرف 700 ملين ڊالر جمع ٿي سگهيا. جيڪي هر سال موسمياتي تبديلي سبب ٿيندڙ خرچ جو 2 سيڪڙو به ناهن.

هميشه جيان ڪاپ_ 28 ۾ به ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته ايڪويهين ماحولياتي ڪانفرنس دوران ڪيل معاهدن تي عمل ڪيو وڃي. جنهن تحت 2030 تائين دنيا جو سراسري گرمي پد 2 ڊگري سينٽي گريڊ تائين ناهي وڌڻ ڏيڻو. هن معاهدي کي پيرس معاهدو پڻ سڏيو ويندو آهي. هن معاهدي ۾ مختلف ڳالهين جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن مان بنيادي معاهدو ڪوئلي، تيل ۽ ٻين اهڙن صنعتي پروگرامن کي گهٽائڻ هو. جنهن سبب گرين هائوس گئسون فضا ۾ وڏي مقدار ۾ خارج ٿين ٿيون. هن معاهدي تي چين ۽ آمريڪا جهڙن صنعتي ملڪن ڪڏهن عمل ناهي ڪيو. جيڪي سڀ کان وڌيڪ فوسل فيولز ۽ ڪوئلي ۽ گئسن جو استعمال ڪندڙ ملڪ آهن هن سال به ڪجھ اهڙن ٿي ٿيو

ڪانفرنس جي صدارت ڪندڙ سلطان احمد الجابر ان ڳالهه تي اعتراض واريو ته فوسل فيولز ختم ڪرڻ سان ڇا موسمياتي تبديلي ختم ٿي ويندي؟ جنهن تي سموري دنيا ۾ کيس تنقيد کي منهن ڏيڻو پيو ۽ آخرڪار ان پنهنجو بيان واپس ورتو ۽ فوسل فيولز جي گهٽائڻ جي ڳالهه ڪئي. تيل وڪرو ڪندڙ ملڪن جي گڏيل تنظيم يعني (OPEC) جي مسلسل اعتراض بعد فوري تيل سميت ٻين فوسل فيولز کي فوري ختم ڪرڻ بجاءِ مرحليوار ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن ۾ تقريبن 200 ملڪن جي رضامندي شامل رهي. 2050 تائين مرحليوار مڪمل طور فوسل فيولز جو استعمال ختم ڪيو ويندو واضح رهي ته سائنسدان خبردار ڪندي چيو آهي ته ڌرتي تي ايترا ٻيلا ناهن. جيترو مقدار گرين هائوس گئسن جو فضا ۾ خارج ٿي رهيو آهي. جي اهين ٿي گرين هائوس گئسون خارج ٿينديون رهيون ته ڌرتي جو گرمي پد 2030 تائين مقرر ڪيل هدف کان تمام گهڻو وڌي ويندو

پاڪستان طرفان هن ڪانفرنس جي نمائندگي موسمياتي تبديلي واري نگران وزير ملڪ عرفان ڪئي، جڏهن ته پاڪستان جو نگران وزيراعظم انوار الحق پڻ ڪانفرنس ۾ شامل ٿيو. جنهن Recharge Pakistan جي نالي سان منصوبي قائم جو اعلان ڪيو. جنهن جو مقصد ٻوڏن ۽ ٻين موسمياتي تبديلي سبب ٿيندڙ نقصانن کي گهٽائڻ آهي. هن دفعي مجموعي طور پاڪستان پنهنجو ڪيس مضبوطي سان نه رکي سگهيو جيئن گذريل سال رکيو ويو هو ڪاپ_ 27 ۾ سنڌو درياهه جي بحالي حوالي سان رکيل منصوبي لاءِ پاڪستان جي وزيراعظم 17 بلين ڊالر رکڻ جو اعلان پڻ ڪيو. جنهن جو مقصد سنڌو درياهه جي ڊيلٽا کي آباد ڪرڻ ۽ درياهه کي گدلو رکڻ کان بچائڻ هو مسلسل پاڻي گهٽ سبب سنڌو درياهه جو ماحول تمام گهڻو متاثر ٿيو آهي سنڌو جي پيٽ جو ۽ ڪچي وارو ڪافي ٻيلي وارو حصو ختم ٿي ويو آهي ۽ آبي ٻوٽي جهنگلي جيوت کي پڻ نقصان پهتو آهي. پر ٻئي طرف وفاقي حڪومت سنڌو تي ڏڍا ڏڙ ڊيم پڻ تعمير ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ آهي. جنهن جو مثال ڀاشا ڊيم ۽ ٻيا منصوبا آهن. جڏهن ته سنڌو تي، مسلسل سنڌ جي اعتراضن باوجود ڪئنال پڻ منصوبن ۾ شامل ڪيا پيا وڃن ان صورتحال ۾ خبر ناهي اهي پيسا حڪومت ڪٿي خرچ ڪندي؟ سنڌو درياهه جي آسپاس ملڪ جا ڏهه وڏا شهر آباد آهن. جن گند ڪچرو ۽ گٽرن جو پاڻي درياهه ۾ ڇوڙ ڪرڻ ڪري ناياب نسل جي انڊس ڊولفن پڻ خطري ۾ پهچي وئي آهي.

ڪاپ_ 28 ۾ ورلڊ ميٽرو لوجيڪل ڊپارٽمينٽ موجب. هي سال دنيا جي تاريخ جو گرم ترين سال رڪارڊ ٿيو آهي. جڏهن ته مختلف موسمياتي واقعن ٻوڏن. ڏڪارن سمنڊ جي سطح وڌڻ سبب دنيا جي 9 سيڪڙو آبادي پنهنجا اباڻا ماڳ ڇڏي چڪي آهي. جڏهن ته دنيا جي زرعي پيداوار ۾ پڻ گهٽتائي اچي رهي آهي. تنهنڪري اهو ضروري آهي ته جيترو ٿي سگهي، موسمياتي تبديلي حوالي سان ڪي اهم اپاءَ ورتا وڃن. ڪاپ_ 29 شيڊيول موجب. روس جي شهر ماسڪو ۾ ٿيڻي هئي پر يورپي يونين جي بائيڪاٽ جي اعلان سبب هاڻ اها ڪانفرنس ايندڙ سال وچ ايشيائي ملڪ آذربائيجان جي شهر باڪو ۾ منعقد ڪئي ويندي.

بقايا 01

اسڪول پشاور سانحي جي نائين ورسي تي پنهنجي پيغام ۾ انوارالحق ڪاڪڙ چيو ته 9 سال اڳ اڄوڪي ڏينهن تي دهشتگردن آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي بزدلاڻو حملو ڪيو، اهو اهڙو سانحو هو جنهن سڄي دنيا کي ڏڪاري ڇڏيو، اڄ به جڏهن هن ڏينهن کي ياد ڪريون ٿا ته اکيون پرچي اچن ٿيون. سنڌس چوڻ هو ته 9 سال اڳ دشمن سنڌن مستقبل جي معمارن جو رت وهائي دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستاني قوم جا حوصلا خطا ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. آرمي پبلڪ اسڪول پشاور قوم جي عزم کي مضبوط ڪيو نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته قوم جون همدرديون انهن والدين سان گڏ آهن جن جي ٻارن هن سانحي ۾ عظيم قرباني ڏني. هن سميت سڄي قوم گلن جهڙن ٻارن جي هن عظيم قرباني تي اڄ ڪين ياد ڪري ۽ ڀيٽا پيش ڪري رهي آهي. هن چيو ته پاڪستاني قوم دهشتگردي خلاف جنگ کٽي چڪي آهي. قوم دشمن جا ملڪ ۾ نفرت ۽ ڏڦيڙ پکيڙڻ جا طريقا ناڪام بڻائي ڇڏيا. نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته پاڪستاني قوم دهشتگردن جي خاتمي تائين سڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي. دهشتگردن ۽ ملڪ جي امن دشمنن کي سنڌس اهو واضح پيغام آهي ته پاڪستاني قوم متحد آهي.

بقايا 02

ياد ۾ تقريبون ڪوٺايون ويون. مشعل باري شهيد ٻارن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

بقايا 03

ڪندو وڏي وزير چيو ته شهر ۾ ٽريفڪ جا مسئلا پيدا ڪرڻ ۾ مختلف ادارا ملوث آهن تنهنڪري هن ڪراچي پوليس، ٽريفڪ پوليس، ٽريفڪ انجنيئرنگ بيورو، سايا SAPA جو گڏيل اجلاس گهرايو آهي اجلاس ۾ گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز، سياحت ۽ ماحوليات وارو وزير ارشد ولي محمد، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، سيڪريٽري گهرو ڪاتو اقبال ميمڻ، آءِ جي پوليس رفعت مختار، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي خادم رند، ڪمشنر ڪراچي سليم راجپوت، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ڊي آءِ جي ٽريفڪ اقبال دارا، ڊي آءِ جي ڊرائيونگ لائسنس عرفان بلوچ، ڊي جي سايا وارث گبول، ڊائريڪٽر ٽريفڪ انجنيئرنگ طارق رفيع ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي، ڊي آءِ جي ٽريفڪ اقبال دارا وڏي وزير کي شهر ۾ ٽريفڪ پوليس جي مجموعي تعداد ۽ ٽريفڪ جي مسئلن بابت بريفنگ ڏني. ٽريفڪ پوليس: ٽريفڪ پوليس جو ٽوٽل تعداد 9077 آهي جنهن مان 6699 ڪم ڪري رهيا آهن ۽ 26.1 سيڪڙو يعني 2378 پوليس اهلڪارن جي کوٽ آهي، وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته شهر ۾ 9500 ڪلوميٽرن تي روڊ جار پکڙيل آهي جتي 65 لک گاڏيون سميت 4054546 موٽرسائيڪلون هلي رهيون آهن شهر ۾ هر سال اٽڪل 350000 نيون گاڏيون رجسٽرڊ ٿين ٿيون ۽ 65000 اضافي رڪشا شهر ۾ غير قانوني رستن تي هلن پيا. 2023ع ۾ دوران ٽريفڪ ضابطن جي ڀڃڪڙي تي 1.62 ملين ٽڪيٽون جاري ڪيون ويون جن مان 836.12 ملين رپيا ڏنڊ اوڳاڙيو ويو اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته گرين ۽ اورينج لائنن جهڙا ماس ٽرانزٽ سسٽم شامل ڪري ٽريفڪ جا مسئلا حل ڪيا ويندا. يونيورسٽي روڊ ۽ ان جي ويجهو ٽريفڪ جام جو مسئلو جاري ريڊ لائين منصوبي جي مڪمل ٿيڻ ۾ تاخير جو نتيجو آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته شهر جي علائقن ۾ شام 6 کان 11 وڳي تائين هيوي ٽريفڪ تي پابندي هوندي جڏهن ته ضروري سامان کڻڻ واري گاڏين کان سواءِ ڏينهن جي وقت شهر ۾ وڏي ٽريفڪ هلڻ تي سيڪشن 144 Cr.P.C لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ٽريفڪ مسئلن جو حل ماڙيپور ايڪسپريس وي جهڙن پروجيڪٽ شروع ڪرڻ ۽ لياري ايڪسپريس وي کي هيوي ٽرانسپورٽ لاءِ نئين سر ترتيب ڏيڻ ۾ آهي. ان تي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو ته لياري ايڪسپريس وي کي هيوي ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو هو جنهن جي ڪنسلٽنٽ لکت ۾ تصديق ڪئي آهي رڳو اين ايڇ اي ان مدي کي کنيو آهي جي صورت ۾ اهو معاملو حل ڪيو ويو آهي ۽ لياري ايڪسپريس وي تي هيوي ٽريفڪ جي اجازت ڏني ويندي. وڏي وزير ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب جي سربراهي ۾ ڊي آءِ جي ٽريفڪ، ڊي جي ڪي ڊي اي ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن تي ٻڌل ڪميٽي جوڙي آهي جيڪا گڏجي مسئلا حل ڪندي ته جيئن لياري ايڪسپريس وي کي هيوي ٽريفڪ لاءِ کوليو وڃي. ڊي آءِ جي ٽريفڪ پاران ٽريفڪ جي سڌريل وهڪري ۾ جن رڪاوٽن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي انهن ۾ لياقت آباد فلائي اوور جو مٿاهون ريمپ آهي جيڪو ڪريم آباد انڊر پاس ايم توفيق روڊ، الڪرم اسڪوائر ڏانهن وڃي آهي جنهن کي ويڪرو ڪرڻ جي ضرورت آهي، ناگن چورنگي ۾ صديق اڪبر مسجد جي سامهون، شاهراهه عثمان رمز گرين لائين بي آر ٽي اسٽيشن سبب تنگ آهي تنهنڪري فوٽ پاٿ جي ويڪر گهٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي، طارق روڊ تي اتحاد سگنل تي غني يونيفارم آڏو غير ضروري ڪٽ لڳل آهي جنهن سبب اڄ وچ شروع ٿي رهي آهي ۽ ان کي بند ڪرڻ جي ضرورت آهي، اهڙي ريت 11 رڪاوٽن جي نشاندهي ڪئي وئي جيڪي روڊ کي ويڪرائي ختم ڪري سگهجن ٿيون، وڏي وزير ميئر ڪراچي کي هدايت ڪئي ته هو ذاتي طور دورو ڪري سنڌن مسئلا حل ڪري، ٽريفڪ پوليس پاران ٽريفڪ جام جو ٻيو مسئلو حدخلين جو هو جنهن تي وڏي وزير ڪمشنر ڪراچي سليم راجپوت کي حدخلين هٽائي مسئلا حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي، وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته شهر جي موجوده نقشي ۽ مستقبل جي ترقيءَ لاءِ پائيدار موٽر ٽرانسپورٽ سسٽم لاءِ هڪ باڊي/اٿارٽي تحت هڪ کان وڌيڪ ايجنسيون ناهڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي روڊ ٽرانسپورٽ اٿارٽي (KRTA) کي دبئي جي ماڊل تي قائم ڪري سگهجي ٿو KRTA حڪمت عملي /پاليسي فيصلا ڪرڻ لاءِ ذميوار بورڊ طرفان سنڀالي سگهجي ٿو KRTA کي روڊن جي انفراسٽرڪچر جي سار سنڀال، بهتري ۽ خوبصورتي جي ذميواري سونپي وڃي. ٽريفڪ سان لاڳاپيل بنيادي انفرا اسٽرڪچر جي ترقي ۽ سار سنڀال (سگنل، نشانيون وغيره) پڻ KRTA کي سونپيا ويندا. ...

بقايا 04

جي پارلياماني بورڊ جو 11هون اجلاس پارٽي سيڪريٽريٽ ماڊل ٽائون ۾ ٿيو جنهن جي صدارت نواز شريف ۽ شهباز شريف گڏيل طور ڪئي ۽ اجلاس ۾ بهاولپور ڊويزن جي قومي ۽ صوبائي اسيمبلي لاءِ ٽڪيٽ جي خواهشمند اميدوارن کان انٽرويو ڪيا ويا. ان موقعي تي اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف چيو ته 8 فيبروري جي اليڪشن عوام جي زندگين ۾ بهتري آڻيندي.

بقايا 05

جهڙا نقشا ڇڏيا آهن. هو سانحي ۾ شهادت ماڻيندڙن ۽ پوراٿن ته ٿيڻ جوڳي نقصان کي منهن ڏيندڙ خاندانن کي ڀيٽا پيش ڪن ٿا. آرمي پبلڪ اسڪول پشاور سانحي جي نائين ورسي تي پنهنجي پيغام ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اي پي ايس پشاور ۾ شهادت ماڻيندڙ معصوم هميشه سنڌن دلين ۾ رهندا، آرمي پبلڪ اسڪول پشاور سانحي بعد قوم بي مثال اتحاد جي طاقت جو مظاهرو ڪيو سنڌس چوڻ هو ته آرمي پبلڪ اسڪول پشاور سانحي جي نتيجي ۾ قوم فرقن کان مٿاهون ٿي ڪري دهشتگردي خلاف گڏ ٿي، ڪين هڪ روشن ۽ محفوظ مستقبل لاءِ دهشتگردي خلاف هميشه متحد رهڻو پوندو. اڳوڻي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ قومي ڀائيچاري کي هٿي ونرائڻ سڀني جي اجتماعي ذميواري آهي. هن چيو ته اڄوڪي ڏينهن تي وچن ڪيو وڃي ته آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي ياد هاڪاري تبديلي جو سبب بڻجندي. اڳوڻي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اچو سڀ گڏجي اڄوڪي ڏينهن تي دهشتگردي، انتهاپسندي، تشدد ۽ نفرت کان پاڪ ملڪ لاءِ پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪريون.

بقايا 06

ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪندي اليڪشن ڪميشن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو درخواست پي ٽي آءِ جي مرڪزي ترجمان معظم بٽ ايڊووڪيٽ داخل ڪرائي آهي. ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس محمد ابراهيم خان ۽ جسٽس شڪيل احمد ڪئي. عدالت گذريل ڏينهن پي ٽي آءِ جي درخواست تي ٻڌڻي ۾ اليڪشن ڪميشن جو نوٽيس چئلينج ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو ۽ چيو هو ته اهو قومي ايشو آهي، توهان ضمني درخواست جمع ڪيو. اڄ پي ٽي آءِ جي وڪيل درخواست ۾ ترميم ڪري ڇڏي ۽ نوٽيفڪيشن معطل ڪرڻ جي اپيل ڪئي. عدالت عاليا درخواست 18 ڊسمبر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏي، عدالت اليڪشن ڪميشن ۽ ايڊووڪيٽ جنرل آفيس کان جواب طلب ڪري ورتو

بقايا 07

ڪري وضاحت گهري ورتي آهي جو ته اوهان جي خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي. سپريم ڪورٽ چٽن لفظن ۾ حڪم ڏنو هو ته ڪوبه جمهوري عمل ۾ رنڊڪ نه وجهندو. عدالت سڳوري طرفان جاري ڪيل حڪمنامي ۾ چيو ويو آهي ته عمير نيازي بظاهر جمهوري عمل ڊي ريل ڪرڻ جي ڪوشش جي ڪوشش ڪئي. هاءِ ڪورٽ 2753 ڊي آر اوز، آر اوز ۽ اي آر اوز کي ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ هڪ ئي وقت چونڊ عمل کي ڊي ريل ڪري ڇڏيو عدالتي حڪم ۾ چيو ويو آهي ته ڊي آر اوز ۽ آر اوز کي خاص طور تي چونڊن لاءِ مقرر نه ڪيو ويو. مقرر ڪيل آفيسر اڳ ئي بطور انتظامي آفيسر جي طور تي فرض انجام ڏئي رهيا آهن. حڪمنامي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو معطل ڪيو وڃي ٿو عدالت لاهور هاءِ ڪورٽ جي درخواست تي وڌيڪ ڪارروائي کان به روڪي ڇڏيو آهي.

بقايا 08

گوٽريس سان ملاقات ڪئي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي پاڪستان ۾ تازي دهشتگردي جي واقعن ۾ تحريڪ انصاف جي ملوث هجڻ ۽ پاڪستان ۾ پاڙيسري ملڪن جي تخريبڪاري جي حوالي سان آگاهه ڪيو جنرل عاصم منير گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي پاڪستان ۾ غيرقانوني ترسيل افغان پناهگيرن جي واپسي بابت حڪومتي پاليسي، ڊيره اسماعيل خان حملي، تحريڪ طالبان پاڪستان وٽ جديد ترين هٿيارن جي موجودگي جي حوالي سان پنهنجي ڳڻتي کان پڻ آگاهه ڪيو آرمي چيف والاريل ڪشمير ۽ غزه جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته خطي ۾ امن جو قيام يو اين اي جي قراردادن تي عمل ڪرڻ سان مشروط آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ امن تڪرار ڪشمير جي حل سان جڙيل آهي. ڪشمير مسئلي جو حل گڏيل قومن جي قراردادن ۽ ڪشميرين جي خواهشن موجب حل ٿيڻ گهرجي. ڪشمير جو پراڻو تڪرار حل ٿيڻ تائين ڏکڻ ايشيا ۾ امن نٿو ٿي سگهي. آرمي چيف والاريل ڪشمير جي حيثيت تبديلي جي هڪطرفي پارٽي ڪوشش جي مذمت ڪندي چيو ته پارٽي قدم گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن جي ڀڃڪڙي آهي. جنرل عاصم منير چيو ته عالمي برادري غزه ۾ جنگبندي ڪرائي ۽ فلسطين تڪرار جو رياستي حل لاءِ ڪردار ادا ڪري. ان موقعي تي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل آرمي چيف جي آمريڪي دوري جي آجيان ڪئي.

بقايا 09

ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. نگران وڏي وزير مقبول باقر جي صدارت هيٺ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پاليسي بورڊ جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ ڪينجهر ونڊ، هاليجي ونڊ، هاڪس بي ريسورٽ ۽ رني ڪوٽ جو گيسٽ هائوس آئوٽ سورس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته تفريحي ماڳن کي آئوٽ سورس ڪرڻ سان حڪومت تي بار نه رهندو وڏي وزير پاران گهوٽڪي_ ڪنڌڪوٽ پل جي اڏاوت جو ڪم رڪجڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو آهي. نگران وڏي وزير چيو ته رينجرز ۽ پوليس پاران سيڪيورٽي ڏيڻ باوجود ٺيڪيدار پل جي اڏاوت جو ڪم بند ڪري ڇڏيو آهي. نگران وڏي وزير پاران ڪانٽريڪٽر کي نوٽيس جاري ڪري پل جي اڏاوت جو ڪم ڀيهر شروع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي

بقايا 10

ڪانفرنس ۾ ڪندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته شاهد خاقان عباسي ن ليگ ڇڏڻ جو فيصلو تڪ جي ماڻهن جي مشاورت سان ڪيو آهي. هو پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪجهه ڏينهن ۾ باقاعده پريس ڪانفرنس ذريعي ڪندو، تڪ وارن سان مشاورت ٿي رهي آهي ته پريس ڪانفرنس ڪڏهن ڪرڻي آهي. ذريعن موجب شاهد خاقان عباسي طرفان ٻڌايو ويو آهي ته اليڪشن کان اڳ پنهنجي پوزيشن واضح ڪرڻ چاهيان ٿو

بقايا 11

مهر بابت حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ پ پ جي عورتن جي شعبي جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر، يوسف رضا گيلاني، مراد علي شاهه، منظور وسان، خورشيد شاهه، شيري رحمان، شازيا مري، فيصل ڪريم ڪنڊي، نثار کهڙو، مخدوم احمد محمود، محمد علي شاهه باجا، شرجيل ميمڻ، مڪيش چاولا ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ عام چونڊن جي شيڊيول ۽ چونڊ مهم جي حوالي سان حڪمت عملي تي غور ويچار ڪيو ويو. بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ عام چونڊن جي حوالي سان پارٽي منشور، عوامي رابطا مهم تي غور ويچار ڪيو ويو. جڏهن ته ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال سميت اهم معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 12

جي مطالبي جو ڪو ارادو ناهي. پاڪستان ۾ آءِ ايم ايف جي نمائندي پگهارن تي ٽيڪس ۽ پيٽروليم ليوي وڌائڻ جي ترديد ڪري ڇڏي ۽ چيو ته پاڪستان ۾ پگهارن تي ٽيڪس ۾ واڌ جي مطالبي جو ڪو ارادو ناهي. هن چيو ته ڪاروباري آمدني تي ٽيڪس واڌ ۽ پيٽروليم ليوي جي حد وڌائڻ جو ڪو مطالبو ناهي ڪيو

بقايا 13

غوري موجب افغانستان جي عبوري سفير مولانا فضل الرحمان کي افغان حڪومت جو خصوصي پيغام پهچايو افغانستان جي عبوري سفير مولانا فضل الرحمان کي افغانستان جي دوري جي دعوت ڏني. ٻنهي اڳواڻن خطي سميت پاڪ افغان لاڳاپن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ٻنهي ملڪن جا بهتر لاڳاپا خطي ۾ امن جي ضمانت آهن. اڳواڻن اتفاق ڪيو

بقايا 14

اسان جا هماين اختر سان پراڻا لاڳاپا آهن. 9 مئي جي واقعن ڪانپوءِ پي ٽي آءِ جي مقبوليت ۾ گهٽتائي ٿي آهي

بقايا 15

، مصنوعي برسات جي دوران 48 فليئرز فائر ڪيا ويا. محسن نقوي چيو ته مصنوعي برسات ۾ يو اي اي اسان جي مدد ڪئي، مصنوعي برسات لاءِ اسان ڪو گهڻو خرچ نه ڪيو آهي. هن ۾ صرف پاڻي جو خرچ ٿيو ڪوهيڙي جي خاتمي لاءِ جيڪڏهن خرچ ڪرڻو به پيو ته ضرور ڪنداسين هن چيو ته مصنوعي برسات سان صحت تي ڪنهن به قسم جو نقصان نه آهي جيڪڏهن نقصان ٿئي ها ته دبئي ۽ آمريڪا جهڙا ملڪ اهو تجربو نه ڪن ها. هن وڌيڪ چيو ته مصنوعي برسات جو تجربو اسان جي لاءِ تمام گهڻو ضروري هو ۽ ان جا نتيجا رات تائين سامهون اچي ويندا. اڄ مصنوعي برسات لاهور ۾ ٿي آهي اهو تجربو نئون آهي هڪ ڀيرو خبر پئجي وڃي جنهن کان پوءِ ٻيا فيصلا ڪنداسين. هن چيو ته اڃان تائين ان جي اثرن تي نظر رکيل آهي. شهر ۾ اسموگ ٽاورز به جلد انسٽال ٿي ويندا. نگران وڏي وزير چيو ته مصنوعي برسات جي لاءِ يو اي اي حڪومت جي ٻن جهازن ڪم ڪيو جنهن کان پوءِ اسان خاموش برسات ڪئي. اسان نٿا چاهيون ته ڪا بدنظمي ٿئي. مصنوعي برسات جي لاءِ ٻئي فلائٽ ڪجهه دير ڪان پوءِ ٿيندي. وفاقي حڪومت مصنوعي برسات جي منصوبي تي ڪم ڪري رهي آهي. پاڪستان جي وزيراعظم هن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو هن مصنوعي برسات تي مبارڪباد پڻ ڏني.

بقايا 16

اعجازالاحسن وقتي چيف جسٽس سردار طارق مسعود کان حلف ورتو حلف برداري تقريب ۾ سپريم ڪورٽ ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جا ججز پڻ شريڪ ٿيا. گذريل ڏينهن صدر ڊاڪٽر عارف علوي جسٽس سردار طارق مسعود جي بطور وقتي چيف جسٽس آف پاڪستان مقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي هئي. قانون واري وزارت جسٽس طارق مسعود جو وقتي چيف جسٽس پاڪستان جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 17

پارٽي جي اڳواڻ فواد چوڌري جا ڪرپشن ڪيس ۾ گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا هئا. فواد چوڌري اڳ ئي ڪرپشن جي هڪ ڪيس ۾ گرفتار ٿيل هو. فواد چوڌري کي جڊيشل رمانڊ تي جيل اماڻيو ويو هو

بقايا 18

سان ڪنهن به جنگ ۾ نه پوڻ گهرجي. افغانستان سان ڳالهيون ڪرڻ گهرجن. امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن چونڊن بابت شيڊول جاري ڪري ڇڏيو آهي پر شفافيت لاءِ ڪي به قدم نه کنيا آهن جماعت اسلامي ڪراچي جي امير چيو ته چونڊون وقت تي ٿيڻ گهرجن. آر اوز، ڊي آر اوز هڪ صوبي ۽ ٻئي صوبي ۾ ٿيڻ گهرجن. چئني صوبن جا گورنر پارٽين جا گورنر آهن حافظ نعيم الرحمان خدشن جو اظهار ڪندي چيو ته ڪيترائي سوال اڃا به موجود آهن. اسان اڃا به چئون ٿا ته آر اوز ڊي آر اوز انتظاميه کان نه ٿيڻ گهرجن. هن جو اهو به چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن پنهنجون انتظامي ذميواريون پوريون نه ڪري رهي آهي. هن وقت تائين چونڊن بابت ضابطا اخلاق ۽ ضابطن جو اعلان ناهي ڪيو ويو.

بقايا 19

انگن اکرن جي حوالي سان رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مختصر مدي جي مهانگائي مسلسل پنجين هفتي 41 سيڪڙو کان وڌيڪ رهي. جنهن جو سبب بجلي جي قيمتن ۾ نمايان اضافو آهي گذريل سال جي ڀيٽ ۾ گئس جي کوٽ جي صارفين جي قوت خريد سخت متاثر ٿي رهي آهي. جن شين جي قيمتن ۾ ساليانو بنيادن تي سڀ کان وڌيڪ اضافو ڏٺو ويو، انهن ۾ ٽه ماهي لاءِ گيس چارجز (1108.59 سيڪڙو)، سگريٽ (93.22 سيڪڙو)، مرچ (81.74 سيڪڙو)، ڪڻڪ جو اٽو (81.40 سيڪڙو) شامل آهن. . لسن (71.17 سيڪڙو)، چانورن جي باسمتي ٽوٽا (64.30 سيڪڙو)، چانورن جي ارزي 6/9 (60.64 سيڪڙو)، مردن جي چپل (58.05 سيڪڙو)، مردن جي سينڊل (53.37 سيڪڙو) شوگر (50.52 سيڪڙو)، گجر (50.42 سيڪڙو) ۽ دال ماش (44.80 سيڪڙو). ان جي برعڪس انهن شين جي قيمتن ۾ ساليانو بنيادن تي گهٽتائي آئي آهي. پياز (25.11 سيڪڙو)، سرس جو تيل (4.40 سيڪڙو)، سبزي گهي في ڪلو (2.12 سيڪڙو)، ڪيلا (1.05 سيڪڙو) ۽ سبزي گهي 2.5 ڪلو (0.95 سيڪڙو) رهيو. مختصر مدت يا هفتيوار افراط زر، حساس قيمت انڊيڪس (SPI) پاران ماپيل، گذريل هفتي 311.78 سيڪڙو جي مقابلي ۾ 311.58 سيڪڙو تي بيلو ايس پي آءِ تحت ملڪ جي 17 شهرن جي 50 مارڪيٽن مان 51 ضروري شين جي قيمتن جو جائزو ورتو ويو. جائزي جي دوران 19 شين جي قيمتن ۾ واڌ، 10 شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ باقي شين جا اگهه مستحڪم رهيا. هفتيوار بنيادن تي، جن شين جي قيمتن ۾ سڀ کان وڌيڪ اضافو ڏٺو ويو، انهن ۾ ڪڻڪ (6.02 سيڪڙو)، گرار دال (2.57 سيڪڙو)، انڊا (2.33 سيڪڙو)، چانور 6/9 (1.54 سيڪڙو)، مونگ جي دال شامل آهن (1.23 سيڪڙو)، پياز (1.05 سيڪڙو)، پڪا گوشت (0.76 سيڪڙو)، دال (0.69 سيڪڙو)، ڪپڙو (0.20 سيڪڙو) ۽ ايل پي جي (0.16 سيڪڙو شامل آهن). نظرثاني ٿيل عرصي دوران جن شين جي قيمتن ۾ سڀ کان وڌيڪ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي، انهن ۾ آلو (12.18 سيڪڙو)، ٽماٽو (5.18 سيڪڙو)، ليپٽن چانهه (2.57 سيڪڙو)، ڪڪڙ جو گوشت (1.19 سيڪڙو)، چانور باسمتي ٽوٽا (سيڪڙو) شامل آهن 0.52 سيڪڙو، سرس جو تيل (0.36 سيڪڙو)، لوسن (0.33 سيڪڙو)، ۽ سبزي جي گهي ۾ اڍائي ڪلو (0.31 سيڪڙو) شامل آهي.

بقايا 20

کي معطل ڪرائڻ جمهوريت جي خلاف سازش آهي. پارٽي جي پارلياماني اجلاس کان پوءِ صحافين سان ڳالهيون ڪندي احسن اقبال چيو ته پي ٽي آءِ جو باني جڏهن ٻاهر هو تڏهن به انتشار پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي، هاڻ هو جڏهن جيل ۾ آهي ته چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ جا 90 سيڪڙو ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز پارٽي ڇڏي چڪا آهن (ن) ليگ جا ماڻهو بدترين حالتن ۾ به پارٽي ڇڏي نه ويا. احسن اقبال چيو ته پي ٽي آءِ پهريان به 2 صوبن ۾ حڪومت ڪيرائي جمهوريت تي آپگهاتي حملو ڪيو پر ناڪام ٿيا هاڻ هنن کي چونڊن کان ڀڄڻ نه ڏينداسين. ليگي اڳواڻ وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪمشنر ضروري قدم کڻي چونڊون ڪرائي. چونڊون وقت تي ٿيڻ گهرجن ڇو ته پي ٽي آءِ هن ڀيري ڀيهر سياسي ايجنڊا پوري ڪرڻ لاءِ عدليه جي ڪلهي کي استعمال ڪري رهي آهي.

بقايا 21

ايس بي سي اي آفيسرن ۽ وڪيلن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو عدالت چيو ته بلڊرز، مافياز ۽ ايس بي سي اي جو گٺ جوڙ آهي. ايس بي سي اي جي نااهلي سان شهر ڪنڪريٽ جو جهنگ بڻجي ويو آهي. ايس بي سي اي جو سنڌ جو ڪرپٽ ترين ادارو بڻجي ويو آهي. عدالت چيو ته ايس بي سي اي جا ماڻهو پاڻ غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪارروائي نٿا چاهين، اڳ ۾ شهر ۾ غير قانوني اڏاوتون ٿين ٿيون ٿينديون وينديون آهن. پوءِ ڀڃ ڊاهه جو وارو اچي ٿو ته هٿ مٿي ڪري ڇڏيندا آهن. عدالت اڄ ئي بلڊرز ۽ آفيسرن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو، جڏهن ته ناظم آباد سي ون ۾ غير قانوني فلور ڪيرائي 15 جنوري تي رپورٽ طلب ڪري ورتي.

بقايا 22

ڪمپليڪس ڀرسان موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن ڪار تي فائرنگ ڪئي. پوليس موجب، فائرنگ ۾ مارجي ويل مان هڪ جي سڃاڻپ طارق ۽ زخمي عورت جي بينش طور ٿي آهي جڏهن ته ٻئي مقتول جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي. پوليس جو چوڻ آهي ته طارق واپاري ۽ ٻيو مقتول آن لائين ٽيڪسي ڊرائيور هو. جڏهن ته زخمي عورت واپاريءَ جي گهر واري آهي. پوليس موجب، شروعاتي جاچ شروعاتي جاچ دوران اکين ڏٺن شاهدن ٻڌايو ته ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار 4 هٿياربندن ڪار تي فائرنگ ڪئي. جڏهن ته ڪار سوارن کان ڪا به شئي ڦرناهي ٿي. پوليس ٻڌايو ته مقتول واپاري طارق ۽ سنڌس گهر واري سياسي جماعت جي علائقائي عهديدار جا مائٽ آهن. مقتول پنهنجي زال سان گڏ شادي جي تقريب ۾ شرڪت ڪانپوءِ گهر وڃي رهيو هو ته رستي ۾ ڪار تي فائرنگ جو واقعو پيش آيو. پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته واقعي واري هنڌ تان 3 خول مليا آهن. مقتول طارق کي 9، ڊرائيور کي 4 ۽ زخمي عورت کي هڪ گولي لڳي آهي. واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 23

خدشا موجود آهن. آر اوز جو هجڻ فيئر چونڊن جي عڪاسي نٿو ڪري. صحافين سان ڳالهيون ڪندي بيرسٽر گوهر چيو ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي جو احترام ڪريون ٿا پر اسان هن فيصلي مان مطمئن نه آهيون. پي ٽي آءِ چونڊن جو بائيڪاٽ نه ڪندي پر اسان جي سپريم ڪورٽ کان استدعا آهي ته اسان جي درخواستن کي به ٻڌو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته ڊي آر اوز ۽ آر اوز صاف شفاف چونڊون ڪرائين پر جن ڊي سيز ايم پي اوز جا آرڊر ڪيا ويا اهي ڪيئن صاف شفاف چونڊون ڪرائيندا. سپريم ڪورٽ عمير نيازي کي نوٽيس جاري ڪيو آهي. توهين عدالت جا نوٽيس جاري ٿيندا ته ڪو به صاف شفاف چونڊن لاءِ عدالت ۾ نه ويندو. بيرسٽر گوهر چيو ته پي ٽي آءِ باني عمران خان جو ٽرائيل جيل ۾ ڪرايو پيو وڃي ته جيئن دٻاءُ وڌي ۽ سمجهوتو ٿئي پر عمران خان سمجهوتو نه ڪندو. صاف شفاف چونڊون ڪرائڻيون آهن ته حڪومتي نمائندن جي آر اوز ۽ ڊي آر اوز جو چونڊن ۾ ڪردار نه هجڻ گهرجي. سمورا ريٽرننگ آفيسر عدليه مان هجڻ گهرجن. هڪ سوال جي جواب ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته پي ٽي آءِ ڪڏهن به چونڊن ۾ دير جي ڪوشش نه ڪئي آهي پر اهي ماڻهو جنهن هڪ پارٽي کي نشانو بڻايو انهن کان فري اينڊ فيئر چونڊن جي اميد نه آهي. بيرسٽر گوهر چيو ته پي ٽي آءِ واحد پارٽي آهي جيڪا ڪوشش ڪري رهي آهي ته جمهوريت ڊي ريل نه ٿئي. هر پارٽي جو حق آهي ته اها عدالت جي سامهون پنهنجا خدشا رکي.

بقايا 24

رامي بدرخان يونس ۾ فيلڊ رپورٽنگ دوران اسرائيلي ڊرون حملي جو نشانو بڻيو 7 آڪٽوبر کان جاري نسل ڪشي ۾ شهيد ٿيل فلسطينين جو انگ 18 هزار 900 ٿي ويو آهي جڏهن ته زخمي فلسطينين جو انگ 55 هزار کان وڌي ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب غزه ۾ فلسطيني مزاحمت ڪارن سان جهڙپ دوران هڪ ٻيو اسرائيلي فوجي مارجي ويو، مارجي ويل اسرائيلي فوجين جو ڪل انگ 116 ٿي ويو آهي.

بقايا 25

آپگهات ڪري ڇڏيو. آپگهات ڪندڙ شخص پوليس سان ميڊيا کي گهرائڻ جو مطالبو ڪيو هو ٻي صورت ۾ آپگهات جو ڇتاءُ ڏيندو رهيو آپگهات ڪندڙ شخص مشڪور گهر جي ڇٽين ماڙ جي گيلري ۾ بيهي آپگهات جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو ايس ايڇ او واقعي واري هنڌ موجود آپگهات ڪندڙ شخص سان فون تي رابطو ڪيو جنهن دوران جوابدار ڇتاءُ ڏنو ته ميڊيا کي گهرايو ته ڪارڻ ٻڌائيندس. نه ته آپگهات ڪري ڇڏيندس. پوليس ڏاڪڻ جي مدد سان عمارت ۾ داخل ٿي، مشڪور نالي شخص ٻار کي ڇڏي زال ۽ پاڻ کي گولي هڻي موقعي موت جو شڪار ٿيا

بقايا 26

ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي شيخ رشيد چيو ته قلم ۽ ڪاغذ تي چونڊ وڙهندس. اسان صرف ٻن سيٽن تي ٻنڊي جي سياست ڪندا آهيون. چونڊون ڪهڙيون به هجن مشڪل نه هونديون آهن. هن چيو ته 3 ٽڪن تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندس. ٻن ٽڪن تان چونڊن ۾ حصو وٺندس. نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ کان پوءِ چونڊ مهم جي شروعات ڪندس. چونڊ مهم لال حويلي کان شروع ڪندس. ٻئي پاسي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد جي جوڊيشل مئجسٽريٽ چوڌري محمود شيخ رشيد جي خلاف ڀڃ ڊاهه ۽ احتجاج بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ان موقعي تي شيخ رشيد پنهنجي وڪيل سردار شهباز ايڊووڪيٽ سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيو عدالت حاضري لڳائڻ کان پوءِ شيخ رشيد کي وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. ياد رهي ته اڳوڻي وفاقي وزير شيخ رشيد احمد جي خلاف ڪوهسار ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ٿيل آهي.

بقايا 27

جنرل آف ڪسٽمز ويليوايشن ڪراچي ٿائيلينڊ، ٿائيوان، انڊونيشيا، ويٽنام، سعودي عرب، گڏيل عرب امارتن، عمان، ترڪي، يورپ ۽ آمريڪا مان درآمد ٿيندڙ شين تي ٽيڪس وڌائي ڇڏيو آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ شين جي اگهن ۾ واڌ کي ڏسندي ٽيڪس وڌايو ويو آهي. ان حوالي سان هڪ اجلاس طلب ڪيو ويو. جنهن ۾ لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرن شرڪت ڪئي. اسٽيڪ هولڊرن عالمي مارڪيٽ جي رجحان موجب ڪسٽمز جا اگهه نئين سر مقرر ڪرڻ جي درخواست ڪئي. 90 ڏينهن ۾ ڪليئرنس ڏيٽا حاصل ڪري ان جي جاچ ڪئي وئي آهي ۽ ڪينڊيز، ٽافين ۽ ڪنفيڪشنري شين جي درآمدي ڏيٽا جي ان ئي مدي لاءِ افغان ٽرانزٽ ٽريڊ جي ڏيٽا سان ڀيٽ ڪئي وئي. تجزئي ڪانپوءِ اها ڳالهه سامهون آئي ته 22_2021 کان 23_2022 تائين پاڪستان ۾ درآمد ڪئي ويندڙ ڪينڊيز، ٽافين ۽ ڪنفيڪشنري شين جي ڪل درآمدي قيمت 3.84 ملين آمريڪي ڊالرن مان گهٽجي 2.02 ملين آمريڪي ڊالر (90 سيڪڙو) گهٽ ٿي وئي آهي. ان ڪانسواءِ افغانستان لاءِ ڪل درآمدن جي ماليت ان ئي مدي دوران ٽرانزٽ ٽريڊ تحت 1.96 ملين آمريڪي ڊالرن مان وڌي 5.09 ملين آمريڪي ڊالر مطلب 160 سيڪڙو واڌ ٿي.

بقايا 28

حملو ڪري 26 ڄڻن کي زخمي ڪري ڇڏيو. ڪائونسل جي ميٽنگ جي ڪارروائي فيسبڪ تي سڌي ريت نشر ڪئي پئي وئي جنهن ۾ ايندڙ سال جي بجيٽ ۽ هن سال جي مالي صورتحال تي بحث ڪيو پئي ويو اجلاس دوران ڪائونسل جي سربراهه کي بونس ڏيڻ لاءِ ووٽنگ جو عمل جاري هو ته ڪائونسلر اوچتو دستي بمن سان حملو ڪري ڏنو پرڏيهي خبررسان اداري موجب اجلاس جي ڪارروائي جڏهن 90 منٽن تي پهتي ته هڪ ڪائونسلر بجيٽ تي تنقيد ڪندي رڙيون ڪندي اجلاس مان ٻاهر نڪتو ۽ هڪ ساٿي کي به ٻاهر وٺي ويو، ڪجهه منٽن ڪانپوءِ هو واپس آيو ۽ هن هڪ هڪ ڪري دستي بم اڇلڻ شروع ڪري ڇڏيا. پوليس موجب ڪائونسل تي دستي بمن سان حملي جي واقعي ۾ زخمي ٿيل مان 6 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي جن ۾ پاڻ حملو ڪندڙ به شامل آهي. يوڪريني پوليس پاران حملي جا سبب هيل تائين سامهون ناهن اچي سگهيا.

بقايا 29

جي وڌندڙ قيمتن ۽ ڀاڙي جي ڪري وياس وڃي پنهنجي ٻيءَ ماءُ سان گڏ رهڻ تي مجبور ٿي وئي آهي. ٻه ڏهاڪا آمريڪا ۾ گذارڻ جون ترڪيه ۾ پنهنجو عهدو سنڀاليندڙ 44 ورهين جي حافظي گئي ايرڪان مقامي اخبار کي ٻڌايو ته اسان کي استنبول ۾ ڪو به گهر ناهي مليو. گهر تمام مهانگا آهن اسان پنهنجي والدين سان گڏ رهندا آهيون. سنڌس چوڻ هو ته اهو ڪيئن ممڪن آهي جو استنبول مين هٽن کان وڌيڪ مهانگو ٿي ويو آهي؟ استنبول جي پراپرٽي مارڪيٽ جي وڌندڙ قيمتن ۽ ڀاڙي جي ڪري وياس وڃي پنهنجي ٻيءَ ماءُ سان گڏ رهڻ تي مجبور ٿي وئي آهيان.

بقايا 30

جنرل(ر) راحيل شريف نوڪري جي مدي ۾ واڌ جي بدلي پاناما جو معاملو حل ڪرائڻ جي آڇ ڪئي هئي. هن چيو ته ڪيترائي ڀيرا پيغام اماڻڻ کان پوءِ جنرل(ر) راحيل شريف آخرڪار نوازشريف سان سڌو سنئون نوڪري ۾ واڌ جو مطالبو ڪيو هو. عرفان قادر چيو ته نوڪري جي مدي ۾ واڌ جي بدلي راحيل شريف پاناما جو معاملو حل ڪرائڻ جي آڇ ڪئي هئي جنهن کي نوازشريف رد ڪري ڇڏيو هو

بقايا 31

. ايس ايس پي پاران جوڙيل ٽيم ٻارن کي ڪراچي مان بازياب ڪرائي ورتو. ماستريائي سميت 3 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو جوابدارن ۽ ٻارن کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو 13 ڊسمبر تي 4 ورهين جي علشبہ، سنڌس ڀيڻ 5 ورهين جي بشرا ۽ سئوٽ 5 ورهين جي حسنين عالماڻي کي ماستريائي اغوا ڪيو هو. سي سي ٽي وي فوٽيجز ۾ ماستريائي واضح طور ٽنهي ٻارن سان گڏ نظر اچي رهي آهي. ماستريائي ٻارن کي هٽڙي بائي پاس وٽ قائم پلازه ۾ رات ترسايو. صبح جو سهولتڪارن معرفت ڪراچي ڪٺي رواني ٿي وئي. ايس ايس پي امجد احمد شيخ معاملي جو نوٽيس وٺندي پوليس کي فوري طور ٻار بازياب ڪرائڻ جو حڪم ڏنو هو رات دير سان پوليس ڪراچي جي گلشن حديد واري علائقي ۾ ڇاپو هڻي ٻارن کي بازياب ڪرايو پوليس ذريعن موجب نادر نالي شخص کي ٽيوشن پڙهائيندڙ ماستريائي ۽ هڪ ٻي عورت سميت ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪيو آهي. نسيم نگر پوليس ٻارن جي اغوا جو ڪيس امام الدين جي عالماڻي جي فرياد تي داخل ڪري ڇڏيو

بقايا 32

ڪري وضاحت گهري ورتي آهي جو ته اوهان جي خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي. سپريم ڪورٽ چٽن لفظن ۾ حڪم ڏنو هو ته ڪوبه جمهوري عمل ۾ رنڊڪ نه وجهندو عدالت سڳوري طرفان جاري ڪيل حڪمنامي ۾ چيو ويو آهي ته عمير نيازي بظاهر جمهوري عمل ڊي ريل ڪرڻ جي ڪوشش جي ڪوشش ڪئي. هاءِ ڪورٽ 2753 ڊي آر اوز، آر اوز ۽ اي آر اوز کي ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ هڪ ئي وقت چونڊ عمل کي ڊي ريل ڪري ڇڏيو عدالتي حڪم ۾ چيو ويو آهي ته ڊي آر اوز ۽ آر اوز کي خاص طور تي چونڊن لاءِ مقرر نه ڪيو ويو. مقرر ڪيل آفيسر اڳ ئي بطور انتظامي آفيسر جي طور تي فرض انجام ڏئي رهيا آهن. حڪمنامي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو معطل ڪيو وڃي ٿو عدالت لاهور هاءِ ڪورٽ جي درخواست تي وڌيڪ ڪارروائي کان به روڪي ڇڏيو آهي.

بقايا 33

نوبس محمد خان ابڙي سان مڃتا رهاڻ ۽ سنڌس شخصيت ۽ سنڌس لکڻين بابت سينيئر صحافي شوڪت ميمڻ جي سهيڙيل ڪتاب "اڇو سورن وارين " جي پڌرائي حيدرآباد جي بتول شادي هال ۾ ٿي، صدارت ناميارا اديب شاعر ڪالم نويس اعجاز منگي ڪئي، تقريب جو مور محمد خان ابڙو هو، تقريب جا خاص مهمان ناميارا اديب، شاعر نياز پنهور، زبيده ميتلو، شوڪت ميمڻ، گل بي بي شاهه، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو سيڪريٽري جنرل تاج جويو، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جا اڳوڻا سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق ڦل، احمد سولنگي ۽ يوسف سنڌي هئا، تقريب جي ڪميئرنگ ناميارو شاعر نصير مرزا ڪئي، تقريب کي صدارتي خطاب ۾ ناميارو اديب شاعر ڪالم نويس اعجاز منگي چيو ته سنڌي ادبي سنگت کي ٽٽڻ بعد محمد خان ابڙي جي ڪوشش سان ڀيهر جڙڻ تي سنڌ سنگت کي مبارڪباد ڏيان ٿو، زين شاهه کي شاباس هجي ان به ڪوشش ڪئي پر محمد خان جي ڪري سنگت ملي هڪ ٿي وئي، محمد خان ابڙو محنتي، محبتي ۽ پورهيو ڪندڙ ماڻهو آهي، سنڌ ۾ ڏاڍي ٻوسٽ آهي، ماڻهن پنهنجا پهريان ٻچا وڪيا پوءِ ضمير وڪرو ڪيا، سنگت دنيا جي وڏي تنظيم آهي، اها سائيز ۾ نه ڪردار ۾ وڏي هجڻ گهرجي، عظيم ماڻهو اعتراف ڪندا آهن، سيد وڃايوسين پليجو جام آريسر امداد حسيني وڃاياسين، ننڍڙن عهدن تي چتا تي پيا آهيون، اديب شاعر اکين ۾ نوان خواب پوکيندا آهن. اديب قوم جو ڪردار ناهيندو آهي جنهن جنهن ڪمپرومائيز ڪيو آهي، ان پنهنجي قلم کي تڪليف ڏني آهي، ماڻهو پوڙها ۽ شهر جوان ٿيندا پيا وڃن، حيدرآباد محبوب شهر آهي، اڳ تاج جويي جا وار ڪارا هئا ۽ شيخ اياز کي 1987ع ۾ حيدرآباد وٺي آيو هو، اسان وقت سان گڏ اڳتي وڌڻ بدران پوئتي ٿي ويا آهيون، بهارون خزائن هٿان خون ٿي رهيون آهن، اڳ آئيڊيل ماڻهو ۽ هاڻ مسخرا مسندن تي ويٺا آهن، ناميارو ليکڪ ڪالم نويس محمد خان ابڙو چيو ته سنگت کي هڪ ڪرڻ ۾ ڪو به ذاتي مفاد نه هو، تاج جويو ۽ مشتاق ڦل پنهنجو ڪردار ادا ڪري تاريخ ۾ سرخرو ٿيا ۽ هنن ادبي سنگت کي هڪ ڪري تاريخ جو فرض پورو ڪيو مان جيڪو به لکان ٿو پنهنجي ضمير موجب لکان ٿو، مون تاج جويي خلاف لکيو پر هن جو مون تي شفقت وارو هٿ رهيو، منهنجي نيت ۾ کوٽ ناهي رهي، سنڌي ادبي سنگت کي هڪ ڪرڻ وقت مون تي الزام لڳا، سرڪار تنظيمن کي ٽوڙيندي آهي مون سرڪار جي سوچ جي ابتڙ ڪم ڪيو مون جنهن به ڪم کي ورتو آهي اڌ ۾ ناهي ڇڏيو، تاريخ مڃتا دير سان ڏيندي آهي، ڪراچي ۾ سنڌين جو وجود آهي ته ان ۾ مون جهڙن گمنام ماڻهن جو به هٿ آهي، سنڌ جي شعور ۽ قومي ڪارڪنن کي ٿڌو پاڻي پيارڻو آهي، مون ان ٿائر کي ختم ڪيو ته چار اديب به لهي نه ٿا سگهن، ڪتاب جي مرتب ۽ سينيئر صحافي شوڪت ميمڻ چيو ته ڪنهن جو به پورهيو ضايع ناهي ٿيندو محمد خان ابڙي کي سنڌس محبت محنت ۽ پورهئي جي ڪري مان ۽ مڃتا ملي آهي، ناميارا شاعر اديب سينيئر صحافي نياز پنهور چيو ته محمد خان ابڙو پنهنجي ذات ۽ گهڻ پاسائين شخصيت آهي، هن ادب ۽ صحافت ۾ جيڪو ڪم ڪيو ان کيس وڏين شخصيتن جي صف ۾ آڻي بيهاريو آهي سنڌ جي وڏين ۽ مشهور اخبارن روزاني ڪاوش ۽ جنگ ۾ ڪالم لکي ٿو، وفاق جو سنڌ سان ڇا ٿو وهي واپري اهو ڪالمن ۾ لکي محمد خان ابڙو پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي سنڌي ادبي سنگت کي هڪ ڪري محمد خان ابڙي وڏو ڪم ڪيو آهي، ناممڪن ٿيندڙ ڳالهه کي هن جي شخصيت ممڪن بڻايو، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل تاج جويي چيو ته محمد خان ابڙي ۽ اسان سنڌي ادبي سنگت جي 5 سالن جي انتشار کي 5 مهينن ۾ ختم ڪري ڏيکاريو، احمد سولنگي، مشتاق ڦل، يوسف سنڌي ۽ آزاد ڪانڌڙي جو به سٺو رول رهيو محمد خان ابڙي عزت ۽ محبت ۽ اسان جي مشاورت سان سنگت کي هڪ ڪيو محمد خان ابڙي جيڪو فيصلو ڪيو ان کي سنڌ سنگت ڪائونسل جي سڄي هال اتفاق راءِ سان قبول ڪيو هن سنگت کي هڪ ڪرڻ ۾ مثالي ڪردار ادا ڪري تاريخ جي ذميداري کي پورو ڪيو اميد ته ايندڙ وقت ۾ سنگت جي گڏيل قيادت ايندي، اسان ادارن جي اجازت سان سنڌي ادبي سنگت کي هڪ ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق ڦل چيو ته محمد خان ابڙي جو سنگت کي هڪ ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار آهي، محمد خان ابڙي ٻوڏ ۾ متاثرين جي واهر لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو اسان کي گهرجي ته پاڻ ۾ گڏجي ويهڻ واري سليقي کي سکون، سنگت کي هڪ ڪرڻ ۾ تاج جويي، آزاد انور، رمضان، احمد، يوسف جي ڪردار کي سدائين ياد رکيو ويندو، ماڻهو مري ويندو آهي، ڪردار ناهي مرندو محمد خان ابڙي سنگت کي هڪ ڪرڻ دوران وڏو پورهيو، سنڌس ڪردار تاريخ جو وڏو حصو آهي، ايندڙ چونڊن ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي سان ڪميٽيڊ ماڻهو سيڪريٽري جنرل طور اچڻ کپي، تاج جويي تي تاريخ وڏي ذميواري رکي آهي، محمد خان ابڙي سان سنگت کي هڪ ڪرڻ تي پيار جو اظهار ڪيون ٿا تاريخ به سنڌس قدر ڪندي، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي چيو ته سنڌي ادبي سنگت ۾ تضاد پراڻا آهن مون اداري جي حفاظت ڪئي پٿر ۽ ڪنڊا لڳا پر مون برداشت ڪيو زين شاهه به سنگت جي ناهه ۾ مخلص هو، سنگت ذهني فڪري مورچو آهي، محمد خان سنگت جو ڏکيو مرحلو ناهي ويو، مستقبل لکڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي، محمد خان جنگ ۽ ڪاوش ۾ مسلسل لکي پيو، هن کي ڄا پڪا ۽ پختا ليکڪا پاتا آهن راشدي، قليچ، جمال ابڙي تي ڪم ناهي ٿيو پر محمد خان ابڙي تي ڪتاب ۾ 41 مضمون ڪمال جا مضمون آهن، پراڻا ڦٽ نه اکيڙجن، سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري آزاد انور ڪانڌڙي چيو ته محمد خان ابڙي سنگت کي هڪ ڪري تاريخي ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، هو محبتن جو امين، ناميارو ليکڪ ۽ ڪالم نويس آهي. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل يوسف سنڌي چيو ته سنڌي ادبي سنگت جو ٽٽڻ الميو هو، انا جي انگاس تي چڙهي نه ويهڻ کپي، سنگت کي هڪ ڪرڻ اسان سڀني جي خواهش هئي، محمد خان ابڙي سنگت کي هڪ ڪيو، سنگت ۾ قومپرست ۽ سيڪيولر ڪردار کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي، هاڻ سنگت کي نئين رت جي ضرورت آهي، ناميارا شاعره زبيده ميتلو چيو ته محمد خان ابڙو چينج ميڪر آهي جيڪو چيلينج کڻي ٿو پورو ڪري ٿو سنڌ ۾ ٻيو دفعو ايڏي وڏي پنڊال ۾ آئي آهيان محمد خان ابڙي سان سڀني واسطي ۾ آهيان محمد خان ابڙو مون وٽ انگلينڊ آيو، مان نفسيات جي شاگرد آهيان محمد خان ابڙي جو برين ۽ رويو ڏاڍو ڦهليل آهي، محمد خان ابڙو دنيا ۾ نه هوندو ته هن تي وڏو مطالعو ٿيندو ۽ سامهون ايندو، يوڪي ۾ هزارين روپيا پئسا خرچ ڪندا آهن پرهتي محمد خان ابڙو ڏسو مضمون آهي، ناميارا شاعره گل بي بي شاهه چيو ته سنڌي ادبي سنگت ۾ جڙيا آهيو ته مڪي وانگر جڙيل رهجو، اسين سڀ سنڌ سان نيائي ٿا چاهيون، محمد خان ابڙي نيڪ نيتي سان سنڌي ادبي سنگت کي هڪ ڪيس تقريب کي سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري آزاد انور ڪانڌڙي، حميد سبزوئي، رڪيل مورائي، راز شر، رسول بخش ٿيبو، رمضان ميمڻ، خطائي ٿيبو ۽ ٻين خطاب ڪيو مشهور راڳي علي مراد جتوئي شاهه جي وائي ٻڌائي، فنڪار دانش منظور ٿهيم ترنم ۾ استاد بخاري جو ڪلام ٻڌايو، چنگ نواز ولي محمد خاصخيلي ۽ سائين چنگ ٻڌائي داد ورتو ان کان ڪتاب اڇو سورن وارين جو مهورت ڪيو ويو تقريب ۾ اديبن شاعرن ۽ سڄاڻ ڌرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ اديبن، شاعرن ۽ سڄاڻ ڌرين محمد خان ابڙي ۽ شوڪت ميمڻ کي اجرڪن لنگين جا تحفا ڏنا.

***

بقايا سنڌيار 01

عورتن جي پولنگ اسٽيشن تائين پهچ جي عنوان هيٺ هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ گوٺ سينگار فائونڊيشن جي پراجيڪٽ مئنيجر جاويد احمد اوڍائو صاحب، شهباز ينگ ويلفيئر ايسوسيئيشن SYWA جي ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر سيد قربان علي شاهه، مهمان خاص الهوراپور خان چنا، ايڊووڪيٽ نظام الدين لڪ، ايڊووڪيٽ سيد نعمر علي شاهه، سماجي ورڪر دلشاد علي قريشي، درويش علي چنو، مقصود احمد چنا، جميل احمد چنا، محمد موريل چنا ،حاڪم علي فهد علي، غلام قادر، آصف علي چنا، اسدالله شاهه ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته عورتن کي پولنگ تي ووٽ ڏيڻ وقت ڏکيائيون درپيش آهن انهن رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ سياسي پارٽيون جا نمائندا پنهنجي پولنگ ايجنٽن کي اهڙي تربيت ڏين ته جيئن عورتون آسانيءَ سان پنهنجو ووٽ ڏئي جمهوري عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن اڳواڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته آزادانو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ سهپ ۽ رواداري جي سخت ضرورت آهي ان سان ئي عدم تشدد جي روايت کي ختم ڪري سگهجي ٿو تشدد ۽ طاقت جي استعمال سان ڪمزور طبقي جا ماڻهو (عورتون) جمهوري عمل کان ٻاهر رهجي وڃن ٿيون ملڪ جي آئين ۾ هر شهري کي پنهنجو ووٽ ڏيڻ جو حق حاصل آهي اسان سڀني کي ان حق جو احترام ڪرڻ گهرجي تقريب ۾ وڏي تعداد ۾ علائقي جي عورتن، مردن، سماجي ڪارڪنن، صحافين، سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 02

ضلع دادو جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ۽ سولنگي برادري جي نيڪ مرد علي بخش سولنگي مسلم ليگ ن ضلع دادو جي سينئر نائب صدر محمد عيسيٰ سولنگي متحد قومي موومينٽ پاڪستان ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي.ان موقعي تي ايم ڪيو ايم ضلعي دادو زونل آرگنائيزر بابر عباسي، سرپرست اعليٰ اڳوڻو سول جج سوداگر علي سولنگي،پي ايس دادو صوبائي اميدوار شاهد علي سولنگي، ممتاز سولنگي،اين اي دادو، جوهي ايم اين اي اميدوار وڪيل عبدالمجيد جهواڻ، دادو زون سينٽر ميمبر غلام مصطفي لند، ميمبر اياز علي سيال، سٽي ميمبر غازي سولنگي، سٽي ميمبر غلام محمد سولنگي، اليڪشن سيل انچارج حافظ عبدالمجيد سولنگي مظفر علي سولنگي ۽ٻين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي پ پ ضلع دادو سينئر اڳواڻ علي بخش سولنگي، مسلم ليگ ن اڳواڻ محمد عيسيٰ سولنگي هميشه لاءِ پنهنجي پارٽين کي الوداع ڪري ايم ڪيو ايم پاڪستان ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي. ان موقعي تي ايم ڪيو ايم جي ضلع اڳواڻن پاران ايم ڪيو ايم ۾ شموليت ڪندڙ اڳواڻن کي اجرڪ ۽ گلن جا هار اوڊائين نعرن جي گونج ۾ سندن شاندار استقبال ڪري ويلڪم ڪيو شموليت ڪندڙن پ پ اڳواڻ علي بخش سولنگي چيو ته آءُ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ب پ ڪارڪن هيس پر پ پ ضلع قيادت اسان کي ديوار سان لڳائي ڇڏيو پ پ صرف وڏين جاگيردارن جي پارٽي بڻجي وئي آهي انڪري ايم ڪيو ايم ۾ اعلان ڪيو آهي جڏهن ته مسلم ليگ ن اڳواڻ محمد عيسيٰ سولنگي چيو ته مسلم ليگ ن سربراه ڪارڪن جي نه ٻڌي ان ڪري مون ايم ڪيو ايم ۾ شموليت ڪئي آهي جڏهن ته ايم ڪيو ايم ضلع دادو آرگنائيزر بابر عباسي ۽ سرپرست اعليٰ اڳوڻي جج سوداگر سولنگي چيو ته ايم ڪيو ايم ڪنوينر ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي جي قيادت ۾ پارٽي منعظم آهي ايندڙ اليڪشن ۾ پارٽي جي غريب مسڪين ورڪرن عهديدارن کي ٽڪيٽون ملنديون ۽ اسانجي پارٽي ۾ وڏيرا شاهي ڪونه آهي عوام کي گهرجي ته ايندڙ جنرل اليڪشن ۾ ايم ڪيو ايم کي ووٽ سپوٽ ڪن ته جيئن ملڪي عوام کي حقيقي سهولتون مهيا ڪري پاڪستان جي معيشيت کي مضبوط ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

بخش چنڊ، 041 تعلقه ميهڙ سينئر اڳواڻ سينيئر ڊسپينسر لياقت علي لاشاري، سينيئر هيلٿ ٽيڪنيشن اعجاز علي مهيسر، رستم علي شيخ پنهنجي ساٿين سميت هيلٿ پروفيشنل پئرا ميڊيڪس ايسوسيئيشن سنڌ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ ڀرپور سات ڏيڻ جو وچن ڪيو ان موقعي تي اڳواڻ الله ڏنو چنو، محمد قاسم ڪوسو، مختيار علي ڪوسو خطاب ڪندي چيو ته پيراميڊيڪل اسٽاف جي حقن خاطر دوستن اسان تي اعتماد ڪيو آهي اسان هر وقت ساٿن گڏ آهيون ۽ هر موڙ تي مڪمل ساٿ ڏينداسين. اجلاس ۾ خيرپور نائٿن شاهه مان سينيئر پئرا ميڊيڪس محمود چانڊيو سيتا مان سينيئر سائي لياقت علي سولنگي، جاويد اختر سومرو، قلجي اسٽيشن مان رانا ممتاز علي راجپوت ،تعلقه ميهڙ مان سينيئر سائي محبوب علي چانڊيو، غلام النبي چانڊيو، بشير احمد لاشاري، بشيراحمد مهيسر، صحبت علي جهتيال، نظام الدين جلباڻي، خان محمد ڪوسو، سبحان علي تاريجو، حسين بخش ميرالي.

۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي ۽ آيل مهمانن کي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارايا ويا آخر ۾ ريفريشمينٽ جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 04

اسڪولن جو دورو ڪيو. جنهن ۾ گوٺ پير محمد بروهي ۽ ٻين اسڪول پڻ شامل آهن انهي موقعي تي نظام الدين ڪڏائي چيو ته اسان جو مقصد آهي، تعليمي نظام کي بهتر بڻائڻ لان ڪان علاوه اسڪولن جي تباهه ٿيل عمارتن جي مرمت، فرنيچر جي کوٽ ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪرڻ جنهن لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 05

جو موٽر سائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ گوٺ حاجي دادو جوکيو فلٽر پلانٽ جو رهواسي 20 ورهيه نوجوان سجاد پٽ دودو جوکيو سخت زخمي ٿي پيو، جنهن کي فوري طور رورل هيلٿ سينٽر گهارو پهچايو ويو، جتان ڪيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪراچي ريفر ڪيو ويو آهي، ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، نوجوان جو لاش گوٺ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، هوڏانهن گهارو پوليس ٽرالر کي تحويل ۾ وٺندي واقعي جي رپورٽ درج ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي.

بقايا سنڌيار 06

پارٽين عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران اليڪشن شيڊول جاري ٿيندي ئي ٺٽي ۾ سياسي پارٽين پنهنجي اميدوارن کي اليڪشن ۾ حصو وٺرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو انهد سلسلي ۾ جماعت اسلامي _ شيعه علماء ڪائونسل _ پاڪستان تحريڪ انصاف _ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (GDA) ۽ ٻين سياسي پارٽين تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن. ٻئي طرف پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي ۾ اندروني اختلافن چوٽ تي چڙهيل هجڻ سبب اڃا تائين اميدوارن جو اعلان ناهي ڪيو ويو آهي. جڏهن پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي هڪ باغي گروپ آزاد حيثيت ۾ اليڪشن وڙهڻ جي تياري شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا سنڌيار 07

جي نالي تي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين تي قبضي خلاف ايس يو پي تعلقه مانجهند جي ڪارڪنن پاران شاهي بازار مان احتجاجي ريلي ڪڍي مين چوڪ تي 2 ڪلاڪ ڌار ڌرڻا هنيا ويا ان موقعي تي مانجهند ۾ اڳواڻن محمد عمر ابڙو، عبداللطيف پهنور، يوسف عمراڻي، عبدالرحمان چانديو، بابل لطيف ڪوسو سهيل ملاح سن ۾ امام الدين ڇڄڙ عبدالستار سومرو انور مگهڻهار نعمت الله شاهاڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين تي ترقي جي نالي تي قبضي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جنهن سان ڌرتي جي ڊيموگرافي تبديل ٿيڻ جو خدشو آهي جيڪا والار ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين جيڪا سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪري ڇڏي اهڙي عمل خلاف سخت جدجهد ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 08

جوهر بلاڪ 16 جبل اپارٽمنٽ لڳ اڻ ڄاتل ماڻهن فائرنگ ڪري 30 سالن جي واحد لاشاري کي زخمي ڪري وڌو، احسن آباد النور سوسائٽي ويجهو فائرنگ ۾ 40 سالن جو امير ولد محمد جان کي زخمي ڪري وڌو ، جڏهن ته لانڍهي گل احمد چورنگي وٽ ٻه فائرنگ جي نتيجي ۾ 35 سالن جو آصف ولد افضل ۽ 30 سالن جي ڪنيزا کي ٻه زخمي ڪري وڌو، ناظم آباد نمبر ٻه وٽ اڻ ڄاتل هٿياربندن ڪار تي فائرنگ ڪري 40 سالن جي طارق نالي شهري کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته 35 سالن جي بينش کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا، منگهوپير پيرواري علائقي ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ 40 سالن جو محمد عرفان سيڪيورٽي گارڊ زخمي، هوڏانهن ماڙيپور مچهر ڪالوني ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ عورت رفعت بي بي ۽ عبدالله شير کي زخمي ڪري وڌو زخمين ۽ فوتين کي عباسي شهيد اسپتال ۽ جناح اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جڏهن ته فائرنگ جي واقعن ۾ دفعو ڀهير اضافي ٿي وير آهي تنهن ڪري شهرين ۾ سخت خوف وحراس ڦليل آهي

بقايا سنڌيار 09

سکر ۾ گئس جي لوڊشيڊنگ، گيس پريشر ۾ گهٽتائي، بندش تي سکر جي شهرين ۽ سماجي حلقن ۾ سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سکر ۽ ان جي پرپاسي وارن علائقن ۾ سياري جي موسم ايندي ئي سوئي گيس جي پريشر ۾ گهٽتائي سان عوام جي زندگي مفلوج بڻجي وئي آهي، صبح، شام ۽ رات جي وقت گئس جو پريشر تمام گهٽ هوندو آهي، موسم بدلجڻ سان ئي سوئي گيس ڪاٽي پاران لوڊشيڊنگ عروج تي آهي، شهري ۽ سماجي حلقن سکر ۾ سوئي گيس جي پريشر ۾ گهٽتائي، لوڊشيڊنگ ۽ مصنوعي بندش جو نوٽيس وٺڻ جو چيف جسٽس کان مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 10

۽ ايس ايڇ او انعام عباسي منهنجي پلاٽ تي قبضو ڪرائڻ چاهين ٿا، عادلپور شهر جي رهواسي

معزز گل محمد ڪلوڙ پنهنجي پٽ ممتاز ڪلوڙ سان گڏ خانپورمهر پهچي احتجاج ڪيو آهي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي گل محمد ڪلوڙ جو چوڻ هيو ته عادلپور شهر ۾ مون اٽڪل 20 سال اڳ دلمراد ڪوري ۽ گلزار ڪورر کان 4 ويسا پلاٽ ورتو هيو جنهن تي هاڻ علائقي جو بااثر غفار ڪلوڙ ۽ سندس چاڙتا ۽ ايس ايڇ او عادلپور انعام عباسي قبضو ڪرائڻ چاهين ٿا، احتجاج ڪندڙ جو چوڻ هيو ته جيڪو پلاٽ مون وٽ آهي اهو پلاٽ ڪئٽ سائين ڏنو ڪلوڙ شيرو مهر جي محمد مهر کي وڪرو ڪيو ۽ محمد مهر وري ڪوري برادري کي وڪرو ڪيو جنهن کان اسين خريد ڪيوسين هاڻ ان پلاٽ تي ڪلوڙ برادري جا ماڻهو اختر ڪلوڙ،اعجاز ڪلوڙ، حيدر ڪلوڙ قبضو ڪرڻ چاهين ٿا جن کي عادلپور جو بااثر ماڻهو غفار ڪلوڙ، منير ڪلوڙ ۽ منظور ڪلوڙ سپورٽ ڪري رهيا آهن ۽ بااثر غفار ڪلوڙ جي چوڻ تي ايس ايڇ او عادلپور انعام عباسي بهاسان جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي اٿو اسان کي ڌمڪائي رهيو آهي، ايس ايڇ او قبضو ڪندڙن کي کلي چوٽ ڏني آهي ته اوهان وڃي گل محمد جي دوڪانن تي قبضو ڪريو. گل محمد ڪلوڙ جو وڌيڪ چوڻ هيو ته جيڪڏهن اسان جي پلاٽ تي قبضي جي ڪوشش ڪئي وئي ته نقصان ٿيندو ان جا ذميوار غفار ڪلوڙ ۽ ايس ايڇ او عادلپور انعام عباسي هوندا، احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته قرآن پاڪ تي معاملي جي انڪوائري ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 11

سومرو، ڊپٽي ڊي او، محمد حسن سومرو، ڊپٽي ڊي او ممتاز بجاراڻي ڊپٽي ڊي او ممتاز بجورو شرڪت، حليم جوکيو، بشارت الياس جوکيو صحافي مرزا حسن بيگ ۽ بايو مترڪ اسسٽنٽ حنين قادري پڻ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي هيڊ مسٽريس گورنمنٽ ڪلسٽر پبلڪ پرائمري اسڪول مڪلي جي هيڊ مسٽريس زينب شاهين ۽ ڊپٽي هيڊ مسٽريس شميرا جاويد ميمڻ سميت اسڪول جي سمورين استادن پاران اڳواڻي ڊي اي او جي تعليمي بابت ڪيل ڪوشش کي ساراهيو ۽ ڪين اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا

بقايا سنڌيار 12

هلنڊڙ آپريشن دوران 3 سو گوٺن جي بجلي ڪاٽا ڪئي، 109 ايف آئي آر داخل ڪيون آهن ۽ 2 زار کان وڌيڪ غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا آهن بقاياجات وصولي لاءِ آپريشن جاري آهي ايڪسيئن گهوٽڪي ميان نظام پيرزادو خبر موجب سيپڪو گهوٽڪي جي چيف ايگزيڪيوٽو سعيد احمد ڏاوچ جي هدايتن تي سيپڪو عملدارن پاران عادلپور ۾ سيپڪو صارفين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي کلي ڪچهري ۾ ايڪسيئن گهوٽڪي ميان نظام دين پيرزادو، آر او اهتشار شاهه، ايس ڊي او گهوٽڪي عمير اقبال سيال، ايس ڊي او خانگڙهه تابش شريف آرائين ڊي سي اير گهوٽڪي جاويد عباسي شرڪت ڪئي کلي ڪچهري ۾ گهوٽڪي، عادلپور، خانپورمهر ۽ پرپاسي جي علائقن سان واسطو رکندڙ سوين بجلي صارفين ڊڊڪشن بل، اوور بلنگ، لوڊشيڊنگ سميت مختلف شڪايتون ڪئي کلي ڪچهري ۾ پهچي ويا ان موقعي تي سيپڪو عملدارن صارفين جون جائز شڪايتون ٻڌي انهن جي فوري حل ڪيو ۽ بل بقاياجات صارفين کي بل قسط ڪري ڏنا ان سلسلي ۾ ايڪسيئن گهوٽڪي ميان نظام دين پيرزادو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گهوٽڪي عادلپور خانپورمهر ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف سخت آپريشن جاري آهي بقاياجات هٿڻ ڪري 300 سو ڪان وڌيڪ گوٺن جي بجلي ڪاٽي وئي آهي 2 زار ڪان وڌيڪ بجلي جا غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا آهن ۽ بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف 109 ايف آئي آر داخل ڪيون ويون آهن ميان نظام دين پيرزادو چيو گڏيل ٽن مهينن کان بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف آپريشن هلنڊڙ آهي بجلي جا بقاياجات صارفين کي گورنمينٽ کي هرحال ۾ ادا ڪرڻا پوندا ۽ ڪنهن کي به بجلي چوري جي اجازت نه ڏني ويندي هن چيو ته آپريشن کان بجلي جا باقيدار قسطن ذريعي بل ادا ڪري رهيا آهن سيپڪو جي اعلي آفيسرن جي هدايتن تي کلي ڪچهري لڳائي آهي ته جيئن بجلي صارفين جا جائز مسئلاانهن جي علائقن ۾ پهچي حل ڪيا وڃن ان ڪري سيپڪو

بقايا سنڌيار 13

زين شاهه، نائب صدر منير نائچ، امير آزاد پهنور، ڊاڪٽر علي نواز گبول ،منير خان مگسي، ايڊووڪيٽ محمد خان شيخ، سهٽي جوبر سارنگ جوبر، نورالدين جمالي، ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته نگران حڪومت سنڌ جي وسيلن کي ٽين وال ڪرڻ لاءِ سنڌ جا 52713 ايڪڙ زمين ترقي جي نالي تي فوجي ڪارپوريشن حوالي ڪري سنڌي ماڻهن کي پنهنجي وسيلن کان بيدخل ڪرڻ چاهي ٿي، انهن چيو ته اسان ترقي جي خلاف ناهيون پر جيڪڏهن سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪري پنج ڇه هزار ماڻهن کي فائدو پهچائڻ خاطر لکين ماڻهن کي بيگهر

ڪيو وڃي اسان اهڙي ترقي کي نٿا مڃون. انهن چيو ته جيڪڏهن اوهان کي سنڌي ماڻهن کي زمينون ڏيڻيون وڃن. انهن چيو ته اڄ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي پوري سنڌ ۾ پرامن احتجاج ڪري حڪومت کي اهو ميسج ڏيون ٿا ته سنڌي ماڻهو اوهان جي اهڙي پاليسي کي رد ڪري ڇڏيو. اهڙي سنڌ دشمن نوٽيفڪيشن کي واپس ورتو وڃي ٻئي سخت احتجاج ڪري ڌرڻا هنيا ويندا.

بقايا سنڌيار 14

نااهلي سبب ڏؤ ابڙال بيلو ۽ پنون جي روڊن تي وڏي ويل وٺن جي ڇانٽي نه ٿي سگهي، جنهن سبب هيسٽائين ڪيترن ئي روڊ حادثن ۽ ڏوهن جي وارداتن سبب 15 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن. روڊن تي وڏي وڻ ٿيل ديوي، چارين ۽ ٻين وڻن جي صفائي نه ٿيڻ خلاف مختلف ڳوٺائن سالار سميجو، سومار ملاح، عبد سميجو، علي نواز سوڍو، علي اڪبر پنهور، ممتاز مولاڻي، اسماعيل ماڇي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو، ان موقعي تي هنن چيو ته سجاول جي روڊ کاتي جي نااهلي سبب روڊن جي ٻنهي پاڊن تي ديوين ۽ چارين جا وڻ وڏي ويا آهن. ڪروڙين روپين جا فنڊ هڙپ ڪيا ويا باوجود روڊ ڪاتو ڪو به توجه نٿو ڏئي، روڊن تي مقرر بيلدار گهر ويٺي پگهارون کڻن ٿا. هنن وڌيڪ چيو ته روڊن تي هڪ طرف حادثا ٿيڻ روز جو معمول بڻيل آهن. ته ٻئي پاسي ڏوهاري ماڻهو ديوين جي وٺن ۾ لکي وارداتون ڪن ٿا، هنن مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد روڊن تي بيٺل وڻ ڪٽرائي عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

بقايا سنڌيار 15

اونداهه ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. تعليم جي دوران معصوم ٻارن کي نشانو بڻائي دهشتگرد عناصرن ماڻن جي هنج اجاڙي ڇڏي، ٻارن ۽ استادن دهشتگردن جو مقابلو ڪري پنهنجون جانيون قربانيون ڪيون ان تي پوري قوم انهن کي سلام ۽ خراج عقيدت پيش ڪري ٿي، اهڙن خيالن جو اظهار هن تاجر سيڪريٽري گولڊ سينٽر صراف بازار ۾ آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي شهيدن جي ايصال ثواب جي فاتحه خواني ۽ دعائيه تقريب کي خطاب جي دوران ڪيو جنهن ۾ حاجي غلام شبير پڻ حاجي عبدالستار راجپوت، عبدالقادر شيواڻي، رئيس قريشي، حافظ محمد شريف ڏاڏا، محمد عامر فاروقي، شڪيل قريشي، بابو فاروقي، محمد منير ميمڻ، محمد ڪاشف شمسي، عبدالباري انصاري، مختيار شامي، احسان بندائي، طارق علي ميراڻي، سليم مالا، محبوب صديقي، جاويد ميمڻ، سيد محمد شاهه، جاويد ڪوسو، شعيب ميمڻ، شاهد علي مگسي، اياز علي ابڙو، ذاڪر خان، اعظم خان، ڊاڪٽر سعيد اعواڻ، امداد جهنڊين، محمد سجاد عامر، فخرالدين عباسي، صداقت خان ۽ ٻيا شريڪ هئا، حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي جي لاءِ پاڪستاني فوج چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عاصم منير جي اڳواڻيءَ ۾ مثالي قدم کنيا آهن، وطن عزيز پاڪستان جي استحڪام، سلامتي، خوشحالي جي لاءِ واپاري برادري ۽ پوري قوم پاڪستاني فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺي آهي. ملڪ جي بقا، سلامتي جي لاءِ ڪنهن به قرباني ڏيڻ کان ڪانه ڪيٻائيندا سين. ان موقعي تي هن آرمي پبلڪ اسڪول پشاور سانحي جي شهيدن جي ايصال ثواب جي لاءِ فاتح خواني ۽ وطن عزيز پاڪستان ۾ امن، سلامتي، خوشحالي جي لاءِ دعا پڻ ڪئي

بقايا سنڌيار 16

نه ڪئي ته وري ٻئي پاسي ڪاڏي ٻيٺي جي سمورين شين جي قيمتن ۾ هرڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي، جنهن ڪانڀو، هرشيءِ جي قيمتن ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي، حڪومت پيٽرول جي اگهن ۾ 14 رپيا گهٽتائي ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته واپارين پارڪن اگهن ۾ به ڪا گهٽتائي نه ڪئي وئي آهي، جنهن ڪري غريب عوام سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيو آهي.

بقايا سنڌيار 17

بلا، ڪنيار محلا، پارا پاڙو، محمدي گهٽي ۽ انصاري محلا ۾ هلنڊڙ ترقياتي ڪمن جو دورو ڪري ڪمن ۾ استعمال ٿيندڙ ميٽريل جي ڪوالٽي تي زور ڏنو جڏهن ته منتخب نمائندن پاران وزٽ ڪري ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺڻ واري عمل تي علائقي واسين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي، ان موقعي تي علائقي جا رهواسي پ پ ورڪر ايوب پيرزادو، صدام پٺاڻ، رفيق ڪوسو، نثار وسيم، سراج وسيم، قادر بروهي، امداد بروهي، ضمير گهنيو، ممتاز مهر ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا. جڏهن ته مرتضا گهانگهرو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته نئين پنڊ واري علائقي ۾ رهندڙ مقامي ماڻهن جي ڏکهي عرصي کان هلنڊڙ مسئلن کي ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ جي ڪوشش ۽ ڪاوشن سبب حل ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهيون جنهن جا ڪجه ئي ڏينهن ۾ بهتر نتيجا نظراچڻ شروع ٿي ويندا، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ ڊرينج وارو مسئلو جلد حل ٿي

ويندو، جنهن لاءِ پاڪستان پيپلزپارٽي پارٽي جي مقامي قيادت پنهنجو ڪردارادا ڪري رهي آهي.

بقايا سنڌيار 18

جو مڪمل سماجي ۽ معاشي بائيڪاٽ ڪيو وڃي جيڪي ڪمپنيون اسرائيل جي ظلم ۾ سِڌو ۽ اڻ سِڌو ڪردارادا ڪن ٿيون. اصل ۾ اسرائيل جي هن جنگ جي پنيان معاشي محرڪات آهن. جنهن سبب ڦرفلسطيني عوام ۽ خاص طور معصوم ٻارڙن جو قتل عام ڪري رهيو آهي. هُن وڌيڪ چيو ته اسان کي انسانيت جو احساس آهي، ۽ انهيءَ سبب اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت اسرائيل ۽ امريڪا جي ظلم خلاف ٻاهر روڊن تي نڪتا آهيون. اسرائيل جو مقصد فلسطينين کي هن ڌرتيءَ تان ختم ڪرڻ آهي جيڪو ڪنهن به حوالي سان برداشت نه ٿو ڪري سگهجي. مظاهري کي برڪت علي، علي گل عبدالله ۽ ٻين چيو ته غزه سميت عالمي امن لاءِ ضروري آهي ته فاشسٽ سامراج کي لغار ڏنو وڃي، جيڪو هٿيارن جي واپار مزدورن جي استحصال تي پلندو آهي. ان سامراج جو مقابلو پوري دنيا جو محنت ڪندڙ طبقوئي ڪري سگهي ٿو جنهن جوهڪ طريقو سامراجي ڪمپنين ۽ انهن جي شين جو بائيڪاٽ آهي. مظاهرين وڌيڪ چيو ته صيهوني اسرائيل، امريڪا ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين جو بائيڪاٽ جيڪڏهن حڪمت عمليءَ سان ڪيو وڃي ته اهو بائيڪاٽ موثر ثابت ٿي سگهي ٿو هُنن وڌيڪ چيو ته اسان جيڪڏهن فلسطين جي ڪا به مدد نه ٿا ڪري سگهون ته اخلاقي طور تي اسرائيلي ۽ امريڪي ملڪن جي شين جي خريد بدران پنهنجي ملڪ جون شيون خريد ڪيون ۽ ان کي فروغ ڏيون ۽ اٿين ڪرڻ سان ٻه اسرائيلي ۽ ان جي ساٿاري ملڪن جي مصنوعات ۽ ڪاروبار کي نقصان رَسي سگهي ٿو هُنن وڌيڪ چيو ته اسان جيڪڏهن اسرائيلي توڙي امريڪي مصنوعات جو خريد بند ڪيوسين ته جڻ اها به اسان جي ڪاميابي ليکي ويندي.

بقايا سنڌيار 19

اي سي محراپور کان ستين فارم تي لکرايو آهي جڏهن ته ٻل جي رسيد پڻ ٻه آهي ان کان علاوه مخباڪار محراپور کان ٻه لکرايو آهي ليڪن نئهن جي باوجود ڊيلر روڪ پئسن تي ڪلر نٿو ڏئي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي سامهون ڊيلر ٻين سفارشي ماڻهن کي ڪلر ڏيئي رهيو هيو ليڪن اسان کي موٽائي ڇڏيو هنن چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جو فيصلو آيو آهي جيڪو ڊيلر سرڪاري ريٽ تي ڪلر نه ڏئي ان خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري ڪين گرفتار ڪيو وڃي پر محراپور ۾ ظلم لڳو پيو آهي هنن سپريم ڪورٽ کان آءِ جي سنڌ ڊي سي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته اسان سان انصاف ڪري ڪلر وٺرائي ڏنو وڃي جيئن اسان پنهنجي فصل کي بچائي سگهون، ٻئي پاسي واپاري نفيس جت صحافين کي پنهنجو موقف ڏيندي ٻڌايو ته مون وٽان ڪلرختم ٿي ويو آهي جڏهن آيو انهن کي ڏيندس.

بقايا سنڌيار 20

تي مجبور، نيشنل بئنڪ وارهه مينيجر ٽائون ڪاميٽي جي ملازم بيواهه عورت کان گهري رشوت گهرڻ ۽ اڪائونٽ بلاڪ ڪرڻ تان ٽائون ڪاميٽي وارهه جي ملازمن جو چيف سينٽري انسپيڪٽر عبدالحفيظ ٻگهيو جي اڳواڻي ۾ بئنڪ اڳيان گند ڪچرو رکي احتجاجي مظاهرو، مظاهرين موقف ڏيندي چيو ته اڳ ٻه هي مينيجر بيواجبي ڪري چڪو آهي هردفعي بيواجبي قطع برداشت نه ڪئي ويندي، جيستائين بيواهه جي پگهار فل نه ملندي تيستائين اسان جو هي ڌرڻو قائم رهندو.

بقايا سنڌيار 21

آفيس جا سڀين ملازم ان مان فائدو حاصل ڪندا، آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجا اهڙو اظهار سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ آر او پلانٽ جو افتتاح ڪندي ڪيو پوليس ويلفيئر برانچ پاران سي پي او آفيس ۾ پلانٽ لڳايو ويو آهي. هن چيو ته هن قدم جو مقصد سينٽرل پوليس آفيس ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي ڏکهي ضرورت کي پورو ڪرڻ ۽ سي پي او جي سمورن عملدارن لاءِ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ آهي، سينٽرل پوليس آفيس ۾ مسجد جي پرسان لڳل 500 گيلن ظرف جي ٽينڪ ۾ لڳل هن آر او پلانٽ مان فلٽر ٿيل پاڻي جي لائين سي پي او ڪينٽين جي اندر ۽ ٻاهران زيرزمين رکيل آهي، جنهن سان هو پنهنجي مانجي دوران صاف پاڻي پي سگهن ٿا. ۽ انهن کي

پنهنجي آفيسن لاءِ پيئڻ جو پاڻي ٻه آراوپلانٽ مان ملي سگهندو

بقايا سنڌيار 22

۽ مزدوري ڦر ڪري قرار ڏئي ويا. هن واقعي جو اطلاع پوليس کي ڏنو پر پوليس معمول موجب ڦرلٽ ڪندڙن خلاف ڪابه ڪاروائي ناهي ڪئي ۽ نه ٽي چوري ٿيل موبائيل هٿ ڪئي وئي آهي، هن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف جو مطالبو

بقايا سنڌيار 23

جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا کڻي ڪرئو موٽوچوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي احتجاج سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن ڌرڻي کي خطاب ڪندي چيو ته حڪمرانن سدائين غلط فيصلا ڪري سنڌ جو زمينون ڌارين حوالي ڪيون آهن جيڪا ڌرتي ڌڻين سان ناانصافي ۽ مذمت جوڳو عمل آهي، هنن چيو ته سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جا ڪارڪن سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪندا ۽ سنڌ جي سون جهڙي زمين ڌارين حوالي ٿيڻ نه ڏيندا، هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ جي زمين ڌارين کان واپس وٺي سنڌ ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 24

جي حوالي ڪرڻ جي سخت مذمت ڪيون ٿا ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي لا ايند فورس اداري جي مخصوص ڪمپني کي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ 52 هزار 700 ايڪڙ زمين ڏيڻ جي تياري هلي رهي آهي اسين پاڪستان سميت سنڌ جي ترقي جا مخالف ناهيون پر اهڙي ترقي جيڪا ملڪ جي عوام کي بي گهر ڪري خاص ڪري سنڌ جي عوام کي اسين اهڙي ڪنهن به منصوبي کي قبول نه ڪنداسين جيڪو منصوبو صوبائي خودمختياري کسي ۽ سنڌ تي قبضي جي سوچ پيدا ڪري سنڌ جي وسيلن تي والار آهي اسان سمجهون ٿا ته اهو پروجيڪٽ گرين پاڪستان جو منصوبو ناهي پر اهو منصوبو ڪجهه طاقتور قوتن کي رشوت ڏيڻ آهي ۽ انهن جي ڪاري ناڻي کي سفيد ڪرڻ جو منصوبو آهي ان منصوبي ذريعي طاقتور ادارن کي ملڪ جي وسيلن تي مڪمل قابض ڪرڻ جي منصوبابندي آهي جڏهن ته انهن زمينن تي سنڌ جي آبادگارن جو حق آهي اسان سنڌ جي عوام ۽ آبادگارن سان گڏ آهيون سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت جي لاءِ آخري دم تائين جدوجهد ڪنداسين آبادگارن سان رابطا ڪري وڌيڪ حڪمت عملي جوڙينداسين جڏهن ته سنڌ دشمن قوتون ۽ اقتدار جا بکيا اسٽيبلشمينٽ راضي ڪري انهن جي آشيرواد سان اقتدار تي قابض ٿيڻ چاهين ٿا، 15 سالن کان سنڌ کي لٽيندڙ ۽ تباهه ڪندڙ اڄ ٻه بغير ڪنهن خوف جي اقتدار ۾ اچڻ لاءِ بارگنگ ڪري رهيا آهن اسان انهن کي قوتن کي ان منصوبي ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏيناسين ايس يو پي هنن کي چتاءُ ٿي ڏئي سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ بند ڪري سنڌ جي زمينن تي والار بند ڪيو ٻي صورت ۾ اوهان جو گهيرو تنگ ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 25

۾ هارين جي شڪايتن جي رجسٽريشن ۽ ان جي ازالي لاءِ ڪم ڪندو. فارمر هيلپر سينٽر جو ٽيليفون نمبر 0242.920106 آهي. جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم ضلعي جي سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي تعلقن ۾ هاري هيلپر سينٽر قائم ڪن ۽ مقرر اگهه تي ڀاڻ جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڀاڻ ۽ زرعي دوائن وڪرو ڪندڙ ڊيلرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي اعليٰ قيمتن تي دوائن وڪرو ڪندڙ دڪاندارن خلاف ڪارروائي جي هدايت ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 26

پاران مقالا شاعري پڙهي ڪارونجهر کي ڀيٽا پيش ڪئي، خبر موجب نئونڪوٽ جي قديمي گوٺ يوسف چانديو ۾ پراڻي روايتن کي برقرار رکندي نوجوانن امان چانديو، زاهد گل اوٺو محمد صديق چانديو، اسحاق چانديو حاجي امام بخش چانديو جي ميزباني هيٺ ڪارونجهر بچايو مچ ڪچهري رچائي وئي، جيڪا مچ ڪچهري ڪارونجهر جي نالي سان منسوب ڪئي وئي، مچ ڪچهري ۾ رنچ ڀهراڙي جي ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن ته مچ ڪچهري ۾ سماجي ڌرين جي اڳواڻن ليکڪن، اديبن، سگهڙن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻ

الهرکيو ڪوسو، جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين سيد نواز شاهه پاڏائي، عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، ايس يو پي مرڪزي نائب صدرامير آزاد پنهور، ليکڪ خالد جوڳي، سينيئر صحافي ممتاز تهڙيو، امير منڌرو، ايڊووڪيٽ علي حسن چانڊيو، زاهد گل اوٺو پنهنجا مقالا پيش ڪيا ۽ خطاب ڪندي چيو ته اسان هنن نوجوانن کي جس ٿا ڏيون جنهن هڪ تنيڙي قديمي گوٺ ۾ پراڻي روايتن کي برقرار رکيو آهي.

بقايا سنڌيار 27

فناس سيد طارق علي شاهه، پير خالد سيف الله سميت متن ماڻتن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ڪيس صوفي شاهه نصير ۽ پير نول گهوٽ جي آخري آرام گاهه واري اڳڻ تي متي ماءُ حوالي ڪيو ويو ٻئي پاسي سنڌس پٽن جنرل مئنيجر ڪي ٽي اين پير امجد علي، پيراشرف علي، پير امتياز علي، سندس ڀاءُ پير بشيراحمد، پير شهاب الدين ۽ ٻين سان تعزيتي سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 28

غلام عباس مهر پاران اقراء ڪمپيوٽرائيزڊ پبلڪ اسڪول سرحد ۾ ڪاٽيو ويو سالگرهه تقريب ۾ سڪندر اوڳاهي، ارشاد حسين مهر بابر علي مهر محمد يونس اوڳاهي، عبدالصمد اوڳاهي ،عبدالعزيز پيوشرڪت علي اوڳاهي، محمد عمير ملڪ، راشد علي اوڳاهي، فاروق ملڪ، فياض احمد ٿوناري، شيراز اوڳاهي ۽ صداقت اوڳاهي شرڪت ڪئي. ان موقعي تي انجنيئر محمد شعبان اوڳاهي چيو ته منهنجي سالگره جي مرقعي تي ڪيڪ ڪاٽي ڀرپور محبت جو اظهار ڪيو ويو اهڙي پيار ۽ پنهنجائپ تي مان دوستن جو ٿورائتو آهيان. تقريب ۾ موجود حاضرين انجنيئر محمد شعبان اوڳاهي جي صحتيابي ۽ ڊگهي چمار لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار پڻ ڪيو

بقايا سنڌيار 29

ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ۽ سيڪينڊري خليل احمد مهر ۽ سيد صفدر حسين شاهه، ڊپٽي DEO محترم استاد محمد يعقوب انڊڙ TEO پرائمري پنوعاقل شفقت حسين ڪلوڙ ، TEO سيڪينڊري عبدالله ڪوراڻي، گسنا اڳواڻ سينيئر استاد قاري حماد حمادي، آفيس سپرينڊنٽ عبدالحميد مهر سميت يوسي جوٽاس جي پرائمري استادن پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مهمانن جو گلن جي ورکا سان اجرڪ پارائي استقبال ڪيو ويو جڏهن ته نون مقرر ٿيل استادن کي هار پارايا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي تعليم کاتي جي آفيسرن چيو ته پيغمبري پيشي سان تعلق رکندڙ مانوارن استادن کي گهرجي ته سنڌ حڪومت جي منشور "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" عنوان هيٺ اسڪولن اندر تدريسي عمل کي بهتر بڻائڻ لاءِ وڌ کان وڌ جدوجهد ڪن ۽ مستقبل جي معمار شاگردن جي بهتر تربيت ڪن ته جيئن سنڌ ۾ ترقي ٿي سگهي ٿي هنن وڌيڪ چيو ته سکر ضلعي ۾ اسڪولن جي زبون حال عمارتن ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

بقايا سنڌيار 30

گذريل محفل ۾ تلاوت قرآن مجيد ڪان بعد مقامي نعت خوان محمد ڪاشف قريشي طاهري، ساجد حسين شينو قاسمي، غلام فاروق چارڻ طاهري، غلام فريد چارڻ عطاري، محمد نشان قادري ۽ زين العابدين عطاري پڙهيون. جڏهن ته ايصال ثواب جي موضوع تي خطاب علامه مفتي صغير احمد طاهري ڪيو ان چيو ته وفات ڪري ويلن کي تلاوت، کاڌو تيار ڪري کارائڻ يا ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب پهچائڻ مستحسن سلوعمل آهي، سنڌ جي مشهور ومعروف نعت خوان وڪيل احمد پنهور طاهري خصوصي شرڪت ڪئي آقاءِ دوجهان حضور نبي ڪريم رؤف رحيم جي شان ۾ نعت، مولا علي سائين، پيران پير دستگير ۽ جيجل امڙ جي شان ۾ منقبتون پڙهي محفل کي جهومائي ڇڏيو ان موقعي تي خليفه پروفيسر نعمت الله قريشي طاهري، مولانا خليفه علي حسن لاشاري طاهري، مولانا حافظ علي شير هرڙو طاهري، فقير غلام نبي ميمڻ طاهري، حزب الله سوڍر طاهري، مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع دادو جي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه بخاري رضوي ٻين

مختلف ديني تنظيمن جي اڳواڻن مولانا عتيق الرحمان عطاري، محمد عظيم عطاري، محمد عرفان محمدي، شهزادو سهيل احمد ابڙو، بصير احمد ملڪ سوشل ميڊيا ٽيم انچارج مرڪزي جماعت اهلسنت پاڪستان ضلع دادو صحافي حبدار علي ٻبر ۽ ٻين معززن تمام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 31

حسين جلباڻي زخمي ٿي پيا جن کي مقامي ماڻهن تعلق اسپتال مانجهيند منتقل ڪيو جتي ڪين سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو. موٽروي پوليس گاڏين کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا سنڌيار 32

خلاف 125ڏينهن ٻه سکر جي صحافين احتجاجي تحريڪ جاري رکندي سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو ايس يوجي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ جاري رکيو ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي احتجاج ۾ پي ايف جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ جي خصوصي شرڪت ڪئي.ان موقعي تي سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، سيد احقر شاهه،خالد ٻانيڻ،سليم سهتو،سحرش ڪوڪر،عمر سومرو، جلال الدين پيو،ارشاد ڊنڊڙ اسحاق ڪوسو،شوڪت راهي، آصف لوڌي، جهانزيب وسير،بابر ڪوڪر يار محمد سومرو، قاضي ضياء الرحمان ناصر جعفري، شاهه ولي، اظهر داي،محمد علي سولنگي، عبدالغفور شيخ،سجاد سنجراڻي، شاهنواز شر اسلم داي نادر سنجراڻي، اصغر عباسي ۽ ٻين چيو ته اڄ شهيد جان محمد مهر جي وڇوڙي کي 4 مهينن کان وڌيڪ جو عرصو گذري ويو آهي پر قاتلن ٻيلن ۾ بااثر ماڻهن وٽ محفوظ آهن پوليس ۽ حڪمرانن جي خاطرين ۽ عدالت جي حڪمن ڪانپوءِ ٻه اصل قاتل آزاد آهن اهڙي ظلم خلاف پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪيو ويو آهي ان ڏس ۾ 19 ڊسمبر تي ملڪ گيراحتجاج ڪيو ويندو 25ڊسمبر تي سڄي سنڌ جي پريس ڪلبن ٻاهران علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي 6 جنوري 2024 تي سکر پريس ڪلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ ڪنوينشن منعقد ڪيو ويندو ، جيستائين قاتلن کي زنده حالت ۾ قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي.

بقايا سنڌيار 33

ابوبڪر منگي، ڊپٽي ڊي ايڇ او ڊاڪٽرسجاد حسين مهر، حافظ محمد صادق سميجو حاڪم خان ابڙو، عبدالحئي ساوند، عطاءِ حسين سومرو، ارشاد پهي مهر، فرحان انصاري، عبدالحميد ابڙو، حاجي محمد مهر، اعجاز پٺي، بابرمهر، اعجاز دايو سڪندر اوگاهي، نوراحمد مهر، شعبان مهر، حفيظ مهر، پيوپائي، ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ثقافتي تقريب ۾ شاگردن پاران ٽيبلوز ۽ خاڪا پڻ پيش ڪيا ويا جڏهن ته شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ تقريري مقابلا پڻ ڪرايا ويا. ان کان علاوه قومي گيتن تي پڻ رقص ڪيو ويو ثقافتي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن جو چوڻ هو ته علم جي وات ئي انسان کي ڏيهان ڏيهه مشهور ڪندي آهي ۽ اسان جي بدقسمتي آهي جو سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ هزارين ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم آهن ڪٿي اسڪولن جي کوٽ آهي ته ڪٿي وري اسڪولن ۾ استاد ناهن جنهن سبب سنڌ تعليم ۾ پوئتي ٿيندي پئي وڃي هنن وڌيڪ چيو ته دنيا ۾ جن جن قومن ترقي ڪئي آهي انهن تعليم تي ڪو به سمجهوتو ناهي ڪيو اگر اسانکي اڳتي وڌي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهڻو آهي ته اسانکي تعليمي ميدان ۾ انقلابي قدم کڻڻا پوندا، ثقافتي تقريب ۾ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا

*****

ڪراچي پورٽ ٽرسٽ

76 Years

گيٽ وي ٽو پاڪستان

هڪ عظيم ورثو - هڪ متحرڪ مستقبل

ٽينڊر نوٽيس-انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ

PPRA جي ضابطي 36 (a) تحت چيف انجنيئر KPT پاران، سرڪاري، نيم سرڪاري ڊپارٽمينٽ/ تنظيمن يا ڪنهن ٻه معزز ڪلائنٽ سان هيٺ ڏنل ڪم لاءِ رجسٽرڊ بلڊرز کان ٽينڊر طلب ڪيا ويا آهن. تمام دلچسپي رکندڙ فرم جيڪي لاڳاپيل فيلڊ ۾ تجربو رکن ٿيون، حاصل ڪري سگهن ٿيون ٽينڊر دستاويزن کي ڊائون لوڊ ڪيل ورزن تي موجود KPT، PPRA ۽ MOMA ويب سائيٽن تي.

ڪم جو نالو ۽ تصريحات	ٽينڊر جو کولڻ وصولي جي تاريخ ۽ وقت
ڪي پي ٽي بوائز ۽ گرلز سيڪنڊري اسڪول، ڪياماڙي جي بحالي. ڪم بنيادي طور تي مشتمل آهي: • آر سي سي سن شيڊ ورڪ. • باڻونڊري وال ۽ پٽين جي مرمت. • خراب ٿيل ڇت، ڪالمن ۽ ڇاڃا جي مرمت. • پلستر جو ڪم ۽ جنرل اسٽيل جو ڪم. • روڊ پيور ورڪ. • UPVC پائپ جو ڪم. • غسل خاني جي بلاڪ ۽ فرنيچر جي مرمت جو ڪم. • پينٽنگ ۽ اينٽي ٽرمائٽ ڪم. واڪ سيڪيورٽي رقم 500,000 روپيا مقرر ڪيل (واپسي) پي آرڊر جي صورت ۾ چيف اڪائونٽس آفيسر KPT جي حق ۾.	08.01.2024 تي 11:00 وڳي وصولي ۽ کولڻ 11:30 وڳي ٽينڊر في 5,000/- رپيا (نه موٽڻ جوڳا)

1. گهربل بولي ڏيندڙ کي لازمي طور تي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل وٽ C_6 ۽ ان کان مٿي جي ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ ٿيڻو پوندو خاص ڪوڊ CE_10 سان جيڪو ٽينڊر کولڻ جي تاريخ تي صحيح هوندو.
2. ارادو ڪندڙ بولي ڏيندڙ شايد KPT/PPRA ۽ MOMA ويب سائيٽن جو دورو ڪري سگهن ٿا ۽ ٽينڊر دستاويزن کي ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. 5,000 جي مقرر ڪيل ٽينڊر فيس (غيرواپسي جي قابل) ۽ ڪم جي بيڊ سيڪيورٽي جيڪا 500,000 مقرر ٿيل آهي (واپسي) الڳ الڳ لفافو پيش ڪيو ويندو بولي سان گڏ ٽيلر جمع ڪرائڻ وقت، پگهار آرڊر جي شڪل، چيف اڪائونٽ آفيسر KPT جي حق ۾.

لازمي گهربل پورو ڪيو وڃي جيئن ذڪر ڪيو ويو آهي (اي کان ايڇ)

a. تازو صحيح NTN، SRB سرٽيفڪيٽ جي ڪاپي.
b. آن لائين ٽيڪس جي تصديق جي ڪاپي (اي ٽي ايل جي تازي ڪاپي).
c. اپڊيٽ ڪيو ويو ڪمپني پروفائل انهن لاءِ جيڪي پهريون ڀيرو KPT ۾ حصو وٺندا آهن.
d. صحيح PEC رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جي ڪاپي.
e. حلف نامي ته فرم انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۾ ڊفالٽر نه آهي ۽ نه ئي ڪنهن تنظيم طرفان بليڪ لسٽ ڪئي وئي آهي.
f. i. ڪمپنين ۽ فرمن جي صورت ۾، گذريل ٽن سالن جا آڊٽ ڪيل مالي بيان ڏنا وڃن ته گهٽ ۾ گهٽ سراسري ٽران اوور ڏيکاريندي Rs.10 ملين.
ii. انفرادي / اڪيلو مالڪن جي صورت ۾، ايف بي آر روٽ داخل ڪيل گذريل ٽن سالن جي ٽيڪس ريٽرن کي مهيا ڪيو وڃي ٿو جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ٽرن اوور ڏيکاريندي 10 ملين ٽن سالن تائين سراسري طور تي.
g. بولي ڏيندڙ کي اهليت جي معيار کي پورو ڪرڻو پوندو جيئن بيان ڪيل دستاويزن جي ضميمه_ II ۾ بيان ڪيو ويو آهي.
h. سڀ جمع ڪرايو ويندو صحيح طور تي صحيح طور تي دستخط ٿيل ۽ بلڊر طرفان اسٽيمپ ٿيل.

3. صرف ايف بي آر ۽ ايس آر بي رجسٽرڊ بولڊرز بڊنگ لاءِ اهل آهن. بولي ڏيندڙ کي انهن جي قيمتن جو حوالو ڏيڻو پوندو جنهن ۾ سڀني حڪومتن سميت معياري فارميٽ جي مطابق لاڳو ٽيڪس.
4. بوليءَ جو افتتاح ڏنل تاريخ ۽ وقت تي سول ورڪس/انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي ڪميٽي روم، ٻين فلور KPT هيڊ آفيس بلڊنگ، ڪراچي ۾ ٿيندو.
5. KPT ڪنهن ٻه وقت بڊ يا پروپوزل جي قبوليت کان اڳ ۾ سڀ بڊ يا پروپوزل رد ڪري سگهي ٿي. KPT درخواست تي ڪنهن ٻه فراهم ڪندڙ يا ٺيڪيدار سان رابطو ڪندو جنهن هڪ بولي يا تجويز پيش ڪئي، ان جي سڀني بولين يا تجويزن کي رد ڪرڻ جا بنياد، پر انهن بنيادن کي جواز ڏيڻ جي ضرورت ناهي.
6. بولي ڏيندڙ کي پيرا 1_5 ۾ ڏنل هدايتن کي غور سان پڙهڻ گهرجي خاص طور تي پيرا 2 ان جي صحيح خط ۽ اسپرٽ ۾.

چيف انجنيئر
ڪي پي ٽي هيڊ آفيس بلڊنگ
Eduljee Dinshaw روڊ، ڪراچي_74000
يو اي اين 111_ڪي پي ٽي_111
فون: 99214318، فيڪس: 30_99214329
ويب سائيٽ: www.kpt.gov.pk پيرا ويب سائيٽ ايڊريس: www.ppra.org.pk
PID (K) No.1781/23

ريفارم سپورٽ يونٽ

اسڪول ايجوڪيشن
اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ
گورنمينٽ آف سنڌ

ڇوڪرين جو وظيفو گڏ ڪرڻ جي آخري تاريخ 31 ڊسمبر 2023

اهم خبر

تعليمي سال 2022-23 لاءِ سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي ڇوڪرين جي شاگردن (ڪلاس VI، IX ۽ X لاءِ) وظيفي جي ورهاست لاءِ

سڄي سنڌ ۾ 24 جولاءِ 2023 کان گرلس شاگردن ۾ سالياني وظيفو ورهائڻ جو عمل شروع ڪيو ويو.

اهي شاگرديائيون جن ڪافي وقت گذرڻ باوجود اڄ تائين پنهنجو وظيفو حاصل نه ڪيو آهي، انهن کي ريفارم سپورٽ يونٽ، اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ، سنڌ حڪومت پاران 3500 روپيا وظيفو حاصل ڪرڻ لاءِ آخري ۽ آخري موقعو 31 ڊسمبر 2023 تائين ڏنو پيو وڃي.

وظيفي لاءِ TID حاصل ڪرڻ لاءِ، پنهنجي اسڪول جو دورو ڪريو (جتي شاگرد داخل ٿيل آهي) ۽ پنهنجي هيڊ ماسٽر/ هيڊ ماستريا LSU ڪوآرڊينيٽر کان پنهنجي ٽرانزيڪشن ID (TID) حاصل ڪريو يا هيٺ ڏنل ويب لنڪ تي پيءُ/ سرپرست شناختي ڪارڊ نمبر يا اسڪول SEMIS ڪوڊ ٽائپ ڪريو.

https://semis.rsu_sindh.gov.pk/verify_stipend

اهم هدايتون: تعليمي سال 2022_23 لاءِ سالياني وظيفي جي رقم حاصل ڪرڻ جي آخري تاريخ 31 ڊسمبر 2023 آهي آخري ۽ آخري تاريخ. ان کان پوءِ تاريخ ۾ وڌيڪ واڌ نه ڪئي ويندي.

چاڻايل تاريخ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ وظيفي جي تقسيم لاءِ ڏنل ٽرانزيڪشن ID (TID) غير فعال ٿي ويندي، جنهن جي ڪري وظيفي جي رقم موجود نه هوندي.

تنهن ڪري هراهل ڇوڪريءَ کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته هو بنا ڪنهن دير جي وظيفي جي رقم حاصل ڪري.

نوٽ:_ وظيفي جي رقم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا به فيس نه آهي ۽ اها سهولت مڪمل طور تي مفت آهي. جيڪڏهن ڪو پرچون ڪندڙ توهان کان وظيفي جي رقم حاصل ڪرڻ لاءِ اضافي رقم گهري، توهان کي پنهنجي لاڳاپيل ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ واقع لوڪل سپورٽ يونٽ آفيس جو دورو ڪرڻ گهرجي ۽ توهان جي قومي شناختي ڪارڊ (CNIC) سان گڏ. ريفارم سپورٽ يونٽ جي آفيس سان رابطو ڪريو يا JAZZ جي هيلپ لائن نمبر 4444 تي رابطو ڪريو (جيڪڏهن توهان ڪنهن به JAZZ نمبر تان رابطو ڪري رهيا آهيو) ۽ هيلپ لائن نمبر 021.111.124.444 تي رابطو ڪريو (جيڪڏهن توهان JAZZ نمبر کان سواءِ ڪنهن ٻئي سان رابطو ڪري رهيا آهيو يا ڪنهن ٻه موبائل ڪمپني نمبر کان سواءِ فون ڪري رهيا آهيو (JAZZ).

ريفارم سپورٽ يونٽ

بنگلو نمبر 47,48، E. اسٽريٽ، PECHS، بلاڪ_06
شاهراهه فيصل ڪراچي

پڙهندي سنڌ ته...... وڌندي سنڌ

INF/KRY#4693/2023

دلچسپيءَ جو اظهار (EOI)
ادائگي جي خدمت فراهم ڪندڙ جي ملازمت (PSP)
هيٺ
ڊولپمينٽ اسڪيمون يعني "ڳائي مال جي ڦرن کي بچائڻ" ۽ "ٻچڙن کي موٽو ڪرڻ"

پس منظر

لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊپارٽمينٽ سنڌ حڪومت، ڊائريڪٽوريٽ آف اينيمل هسبنڊري سنڌ جي ذريعي نئين چاول مينهن جي ڦرن کي بچائڻ ۽ نر مينهن جي ڦرن کي ٿلهو ڪرڻ لاءِ ترقياتي اسڪيمون شروع ڪيون آهن. ان اسڪيمن جو مقصد نئين چاول ڦرن کي ذبح ڪرڻ جي حوصلا شڪني ڪرڻ آهي 15_30 سيڪڙو في سال ۽ 100_200 سيڪڙو في جانور گوشت جو واڌارو سائنسي طريقن تي پاليل ڳاڏن کي ٿلهو ڪرڻ ذريعي جانورن جي هارين کي نقد ترغيب جي فراهمي ذريعي، ۽ وڌايل ويڪسينيشن، علاج، لائيو اسٽاڪ مئنيجمينٽ ايڊوائيزري سروسز ۽ هارين کي ڳائي مال جي بچاءَ ۽ ٿلهي ڪرڻ جي حوالي سان عام آگاهي فراهم ڪرڻ سان انسانن لاءِ حفظان صحت، صحتمند غذا (يعني ڪير ۽ گوشت) کي يقيني بڻايو وڃي.

اسائنمينٽ جو دائرو

رجسٽرڊ پيمينٽ سروس فراهم ڪندڙ (PSP) ڪمپني/ فرم 15 گهربل آهي مالي مدد/نقد ترغيب جي منتقلي لاءِ رجسٽرڊ لائيو اسٽاڪ هارين کي E_Payment Methodology جي ذريعي سڌي رعايت ذريعي فائدو حاصل ڪندڙ جي اڪائونٽ ۾، ترقياتي اسڪيم تحت جنهن جو عنوان آهي "مال کي ٿلهو ڪرڻ" ڄامشورو، شهيد بينظير آباد، دادو، سکر، خيرپور، گهوٽڪي، لاڙڪاڻو قمبر شهدادڪوٽ، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ لاڳو ڪيو پيو وڃي ۽ "سيو بفيلو ڪلوز" نالي اسڪيم تي ڪراچي، بدين، حيدرآباد، دادو، سکر، خيرپور، گهوٽڪي، لاڙڪاڻو قمبر ڪوٽ، ڪشمور ڪنڌڪوٽ، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعا. ڪمپني / فرم ڪٺندي، ۾ هيٺ ڏنل مخصوص سرگرمين تائين محدود نه هوندي:

- ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري سنڌ، حيدرآباد کان شيئر ڪيل لسٽ موجب ذڪر ڪيل ضلعن جي چونڊيل هارين جو فائدو حاصل ڪندڙ کاتو (شاخ کان سواءِ/ورچوئل اڪائونٽ) پيدا ڪرڻ.
- ويب بيسڊ مئنيجمينٽ انفارميشن سسٽم تيار ڪرڻ لاءِ، رجسٽرڊ فائديمند لائيو اسٽاڪ فارمرز جي ڊيٽا کي شامل ۽ برقرار رکڻ.
- رجسٽرڊ مالدار هارين کي مراعات ورهائڻ لاءِ فائدي واري کاتي ۾ سڌي رعايت ذريعي.
- هر منتقلي / فنڊز جي جاري ٿيڻ جي مڪمل ٿيڻ تي رپورٽ جمع ڪرڻ ۽ تفويض جي مڪمل ٿيڻ تي مڪمل پيش رفت رپورٽ جمع ڪرڻ.

اهليت:

i. ادائگي جي خدمت فراهم ڪندڙ/مالي ادارا ٽيلي ڪام ڪمپني جي ضابطن جي مطابق SBP جي ضابطن تحت شيڊول يا مائڪرو فنانس بئنڪ آف پاڪستان هجڻ گهرجي.
ii. مالياتي اداري (FI) کي گهٽ ۾ گهٽ 888 جي درجه بندي هجڻ گهرجي (تصديق ٿيل ريٽنگ ايجنسين کان ڊگهي مدت جي درجه بندي جيڪا SBP پاران تسليم ٿيل آهي).
iii. ڪلستر ۾ قائم ڪيل ادائگي جي پوائنٽن ذريعي سڄاڻپ ڪندڙ فائدي وارن کي نقد رقم جي ورڇ لاءِ ٽيليڪوس کي مشغول ڪرڻ جي قابل هجڻ گهرجي.
iv. شيڊول/مائڪرو فنانس بئنڪ کي هدف ٿيل ضلعن ۾ مناسب ۽ قائم ڪيل نيٽ ورڪ سان صاف ٽريڪ رڪارڊ هجڻ گهرجي.
v. ٽيليڪوز کي پتا خوري، چوري ۽ ادائگي جي ايجنٽن جي دير جي خلاف مناسب مانيٽرنگ سسٽم هجڻ گهرجي.
vi. ٽيليڪوز کي گهٽ ۾ گهٽ پنج (05) سالن جو تجربو هجڻ ضروري آهي ادائگي ايجنٽن ذريعي نقد رقم جي ورڇ جو CCT/UCT جي حوالي سان استعمال ڪندي بايوميٽرڪ ڊسبرسمينٽ موڊ _NADRA تصديق سان ڳنڍيل آهي.
vii. گهٽ ۾ گهٽ ٻن خدمت جي معاهدي جي فراهمي جي هڪڙي نوعيت ۽ پيچيدگي جي برابر آهي گذريل 5 سالن ۾ خدمتن جي برابر آهي (هن ضرورت کي پورا ڪرڻ لاءِ، خدمت جي معاهدي جو حوالو گهٽ ۾ گهٽ 70 سيڪڙو مڪمل ٿيڻ گهرجي).
viii. سان رجسٽر ٿيل: فيڊرل بورڊ آف روينيو سنڌ روينيو بورڊ ۽ ٻيا ٽيڪس گڏ ڪندڙ اٿارٽيزجن ۾ انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس، پروفيشنل ٽيڪس وغيره شامل آهن.
ix. حلف نامو ڊيو ته فرم کي ڪنهن ٻه سرڪاري / خانگي تنظيم کان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.

واڪ دستاويز RFP :اخبارن ۾ دلچسپي جي اظهار (EOI) جي اشاعت جي تاريخ کان 10.01.2024 تائين جاري ڪئي ويندي. RFP صحيح MTN، GST ۽ SRB رجسٽريشن سان گڏ جاري ڪرڻ جي لکت واري درخواست جي جمع ڪرائڻ تي حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ ناقابل واپسي روپين سان. ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري سنڌ، حيدرآباد جي حق ۾ 1,000 پي آرڊر. اڳواٽ اجلاس: 01 جنوري 2024 صبح 11:00 وڳي ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري سنڌ جي آفيس، گرائونڊ فلور بلاڪ_اي، شهباز بلڊنگ حيدرآباد.

واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ:

تجويزون پيش ڪيون وينديون ٻن لفافن ۾ ڪيپشن ڪيل ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ مالي پروپوزل، 11.01.2024 کان 2:00 وڳي.

واڪ جو کولڻ: واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ يا ان کان اڳ ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري سنڌ، گرائونڊ فلور بلاڪ_اي، شهباز بلڊنگ حيدرآباد جي آفيس ۾ جمع ڪرائي سگهجن ٿيون ۽ دلچسپي رکندڙن کان اڳ ساڳئي ڏينهن يعني 11.01.2024 تي 3:00 وڳي کوليون وينديون. پارٽيون يا انهن جي بااختيار نمائندن جي آڏو جيڪي شرڪت ڪرڻ چاهيندا آهن.

ڊاڪٽر حزب الله ڀٽو
ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري سنڌ
حيدرآباد (فون: 022_9200966)

پڙهندي سنڌ ته ...... وڌندي سنڌ

INF/KRY#4714/2023